श्रीसद्गुरुदेवाय नमः

شري پرم هنس ادويت مت جو

ماهوار رسالو

آنند سنديش

شري آنندپور

ڊسمبر ١٩٨٧

श्रीसद्‌गुरुदेवायनमः

شري پرم هنس ادويت مت جو

ماهوار رسالو

آنند سنديش

مالڪ

شري پرم هنس ادويت مت پبليڪيشن سوسائٽي

شري آنندپور

سمپادڪ

مهاتما سک ساگرانند

دسمبر ١٩٨٧ ع

سالياني چندو هندستان لاءِ ١٨ - ٠٠ روپيا

" " " ٻاهر ولائت لاءِ سمنڊ رستي ٤٨ - ٠٠ روپيا

Foreign Subscription Rates	(By Air Mail)
Asia—	102–00
U.K. & Europe—	132–00
US.A. & CANADA	156–00

شري ستگرو ديوايه نمه

شري پرم هنس ادويت مت جو

ماهوار رسالو

آنند سنديش

شري آنند پور

سال ۳۵] ماهہ ڊسمبر ۱۹۸۷ع [پرچو ۱۲

شري گرو وندنا

دوها

چرڻ ڪمل گرو ديو ڪي، ڌارون اپني شيش -
شري پرمهنس گرو ديو جي، جڳتپتي جڳديش .

پرم پرش گرو ديو ڪو، سدا نوائون ماٿ -
سدا سهائي جيو ڪي، ستگرو ديئا ناٿ .

فهرست

آنند سنديش   ڊسمبر   ١٩٨٧ع

مضمون   صفحو نمبر

پڌرو ڪندڙ :-

شري پرم هنس ادويت مت پبليڪيشن سوسائٽي

مقام شري آنند پور ضلع گنا (مڌيه پرديش)

آنند پرنٽنگ پريس شري آنندپور ۾ ڇاپي ڪري دفتر
آنند سنديش شري آنندپور مان پڌرو ڪيو.

سيوا گرو چرڻار ڪي ، سب وڌ منگل روپ -
پرم گتِ ملي جيو ڪو ، پاوي سک انوپ -

گرو شرڻ آوي وهي ، جا ڪي اُتم ڀاڳ -
تا ڪي ڀئو بڙ ڀاڳ هئن ، گرو چرڻن انوراڳ -

اوگڻ ڪا ڀنڊار هئن ، آيا شرڻ تمهار -
تم بن يا سنسار مين ، ڪون اُپارنهار -

هاٿ جوڙ تو چرڻ مين ، ونتي ڪري يهه داس -
چهوؤن تمهري ڪرپا ڪو ، چوڙ سڀن ڪي آس -

خوش خبري

۱ - ماهه پوهه جي سنڪرات ۱۶ ڊسمبر ۱۹۸۷ع جي ڀڌر ڏينهن آهي -

مانو ٿن کو ڌار کر، پرکٽي شري ڀڳوان.
پرمھنس بن آئي ھئن ، کرني جڳ ڪلياڻ .

پرم ھتيشي جيو کي ، ستگورو کروڻا گار .
نام رٿن ٿن بخش کر، کيئا آمت اُپکار .

بنا نام سک نہ ملي ، کھتي سنت سجان -
نام گرو آڌين ھئہ ، ويد پراڻ پرمان -

نام بنان سنسار ۾ ، اور نہ سک کا سار .
ٻلھاري گرو ديو کي ، نام کي بخشنھار .

پورن ستگورو ديو کي ، سيو کرو چت لايہ .
جان کي مھا اُپکار کا ، بدلا ديا نہ جايہ . -

من مٿي کي ڏوکي پڙا ، جڳت ٻنڌا موھہ پاش .
گرو شرڻ جب ھي گھي ، ھووي موھہ وناش .

من مٿي ۾ دک بھوت ھئہ ، اور سنتاپ وشاد .
اُن سب سي مکٽي ملي ، ستگرو کي پرساد .

سوجن پاوي سک گھنا ، چلي جو آگيا ماھين .
آڌي وياڌي اور تاپ سب ، پل ۾ ھي مٽ جاھين .

سرو روڳ کي اوشڌي ، ھئہ ستگورو کا نام .
ٿاتي شرڌا پريم سي ، جپيئي آٺون يام .

من چت کي ديڌا مٽي ، ستگورو کي پرتاپ .
مايا کڇہ نہ کر سکي ، مٽي پاپ سنتاپ .

مها يوگيشور ، ستو ويتا ، ديوان ديو شري پرمهنس ديال جي شري شري ۱۰۸ شري سوامي ادويت آنند جي مهاراج شري پهرين پاتشاهي جن جي پرم پوتر شري چرن ڪملن ۾ داسنداس جي شردا سان ڪروڙ ڪروڙ ڏنڊوت پرڻام آهي ۰

اڳئين پرچي ۾ لکيو ويو آهي ته ويراڳ جي پرپور اوستا ۾ انهن کي برج جو سڄو تمام ستو لڳندو هئو. هڪ ڏينهن اهڙي وقت سڄو ڪندي مٿرا پهتا . اتي صدر بزار مان لنگهي رهيا هيا ته هڪ ماڻهو جنهن جو نالو سالگرام کتري هو ۽ پنهنجي مڪان جي دروازي تي ويٺو هو. پنهنجي جڳهه تان اٿي ۽ تمام نمرتا ۽ ديتا سان پهرين ته سندس چرن ۾ سر (مٿو) رکي پرڻام ڪيو. پوءِ وينتي ڪري پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ ڪين تمام شردا ۽ پريم سان پوڄن ڪرايو ۽ هڪ ڏينهن ترسڻ لاءِ نمرتا سان وينتي ڪئي. پاڻ ته سياو ڪان ئي ديالو هئا ۽ هن جي وينتيءَ کي موٽائي نه سگهيا. هن سنسارڪ اڇائن جي پورتيءَ لاءِ منترن وغيره بابت وڌيڪ ڳالهيو ۽ انهن کي ڄاڻڻ ۽ سکڻ جي اڇا ظاهر ڪئي. هن ڀڳتيءَ جي باري ۾ ڪيترا دفعا ڳالهه ڪئي پر هو گهمائي ڦيرائي منترن بابت ئي ڳالهه ڪرڻ لڳو ته جيئن ڪجهه اُن کي منتر ٻڌائين. انهن ڏٺو ته هن جا خيال سنسارڪ طرف وڌيڪ آهي ۽ فقط اڇائن کي پوري ڪرڻ لاءِ منترن کي سکڻ جو شوق اٿس. ڀڳتي ڀڄن لاءِ هن کي ڪا به دلچسپي نه آهي ۽ نڪا آتما جي انتي ۽ ڪلياڻ لاءِ ويچار اٿس، تنهن هن کي اڇائن کي پورتي ڪرڻ لاءِ ٻه چار منتر ٻڌائي ۽ انهن کي سڌ ڪرڻ جو رستو به ٻڌايو ۰

هاڻ ٿورو پرمارٿ جي درشٽيءَ سان ويچار ڪجي ته هو ماڻهو ڪيترو نه نا سمجهه هو جو مها پرشن جي اتنرو واجهو پهچي ۽ انهن جي ڪرپا هئڻ جي باوجود هو ڀڳتيءَ جي دات کان محروم

شري پرم هنس امرت ڪٿا

شري شري ١٠٨ شري پرم هنس ديال شري ڀورين پاتشاهي جي مهاراجن جو جيون چرتر :-

(اڳ - کان هلندڙ)

دوها

شري پرم هنس ديال جي، اڳ جڳ تارڻ هار.
بار بار ڏنڊوت ڪريون، ڪوٽن ڪوٽ جهار.
شري يڳل چرڻار ڪو، هردي مانهه بسايه.
شرڌا سي پوڄون سدا، شيش نوايه نوايه.
مها ستگورو ديو ڪي، پاون اور مهان.
پريم سهت گاين ڪئي، نشچيه هو ڪليان.
ويد اگم بتلايا، ستگورو ڪروڻا آگار.
ڀڳتي مارگ درسايه ڪر، ڪيئي جيو ڀؤ پار.
ڪرپا ڪرو نج "داس" پر، هي ستگورو داتار.
شري چرڻون پر جڙي رهي، ميري من ڪي تار.

جيڪڏهن انهن سڀني شين کي حاصل به ڪري ته ڇا ٿيو؟ ڇو ته اهي سڀ جوڙتا، نه رهندڙ ۽ ڇڙندڙ ۽ ناس ٿيڻ وارا آهن. انهن ۾ ڪابه شيءِ انسان سان سدائين ساٿ ڏيڻ واري ڪانه آهي انهي جي ابتڙ ڀڳتي ستيه، سدائين قائم ۽ امر شئه (چيز) آهي. اها جيو جي لوڪ، پرلوڪ، ۾ ساٿ ڏيڻ واري، انگ سنگ رهندڙ ۽ ان کي سچو سک آنند ڏيڻ واري آهي - اهڙي ڀڳتيءَ کي ڇڏي جو سنساري اڇائن کي پورو ڪرڻ چاهي ۽ انجي گهر ڪري، اهو ديوانو ۽ اگياني نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟

شري ڪبير صاحب شبد جي آخري لائن ۾ عام سنساري منش جي حالت تي دک ظاهر ڪندي اهو شبد چيو آهي - هن شبد ۾ هن عام سنسارين کي ديوانو ۽ انڌو چيو آهي. جهڙي طرح هڪ ديواني انسان کي پنهنجي ڀلي ٻري جي سمجهه نه هوندي آهي - اهڙيءَ طرح عام سنساري جيو کي به پنهنجي ڀلي ٻري جي خبر نه آهي. تن، مال ملڪيت، سنساري شيون، شرڪ ۽ اندرين جا ڀوڳ، پٽ سنتان وغيره جيڪڏهن انهن سڀني اڇائن جي پورتي ٿي به وڃي ته ڇا ٿيو؟ ڇو ته اهي سڀ جوڙتا نه رهندڙ ٻي ڦٽا، ناس ٿيڻ وارا آهن. هن ۾ ڪابه شئي انسان سان هميشه ساٿ ڏيڻ واري نه آهي انهيءَ جي ابتڙ ڀڳتي ستيه. قائم دائم. هميشه امر شيءِ آهي. اها لوڪ. پرلوڪ ۾ جيو سان انگ سنگ رهڻ واري ۽ جيو کي سچو سک ۽ آنند ڏيڻ واري آهي.

اهڙيءَ ڀڳتي کي ڇڏي جو سنساري اڇائن کي پورو ڪرڻ چاهي. ۽ انجو طلبگار رهي. اهو ديوانو ۽ اگياني (بي سمجهه) نه آهي ته ٻيو ڪير آهي؟

شري ڪبير صاحب جن شبد جي پڇاڙي ست ۾ عام سنساري جيون تي دک ظاهر ڪندي انڌو ڪري چيو آهي، اکين کانسواءِ انسان کي جيئن رستو نٿو ڏسڻ ۾ اچي، رستي تي هلندي ڪو

رهندو. هيءُ نه انهن ڪپندو هو نه هو شري پرمهنس ديال ڪان ڀڳتي جي داس گهري ها، جا سُت، لتيءَ، قائم ۽ امرت ميٺي آهي ۽ جا لوڪ، پرلوڪ ۾ سچو سک، سچو آنند ڏيڻ واري آهي، پر هن گهريو نه جا گهريو؟ سنسار جون اسٽ اڇائن جي پورتيءَ لاءِ مٽر! مها پرش نه مهان ديوان آهن، هو نه شرڻ ۾ آيل جي اڇا پورڻ ڪندا ٿي آهن - پر مها پرشن جي ڪرپا هيءَ ٿي امرت روپ ڀڳتيءَ جي گهر نه ڪري اسٽ سنساري اڇائن جي پورتي گهرڻ جا آواگمن جي چڪر ۾ جيو کي ڦاسائيندي آهي - هيءَ ڪا عقلمنديءَ جي ڳالهه نه آهي اهڙن ٿي ليءِ سمجهه انسان لاءِ مها پرش فرمايو آهي ته :-

شبد

ائسي ديواني دنيا، ڀڳتي ڀاو نهين بوجهي جي ·
ڪوئي آوي تو بيٽا مانگي، پيٽ روپيا ليجي جي ·
ڪوئي آوي دک ڪا مارا، هم پر ڪرپا ڪيجي جي ·
ڪوئي آوي تو دولت مانگي، ڀيٽ گسائين ديجي جي -
ڪوئي ڪراوي بياهه سگائي، سنت گسائين ريجهي جي ·
ساچي ڪا ڪوئي گاهڪ ناهين، جوٺي جڳت پتيجي جي ·
ڪهي ڪبير سنو ڀائي ساڌو، اندون ڪو ڪيا ڪيجي جي -

(پرم سنت شري ڪبير صاحب جي)

پرم سنت شري ڪبير صاحب جن عام ماڻهن جي حالت کي ڏسي مضمون شبد چيو آهي - جهڙيءَ طرح هڪ ديوالي انسان کي پنهنجي ڀلي ڀري جي خبر نه هوندي آهي، اهڙيءَ طرح سنساري جيو کي به پنهنجي نفعي نقصان جي خبر نه آهي - ڌن، ملڪيت، سنساري شهرت، شراڪ ۽ اندرين جا ڀوڳ، سنتان وغيره

ارٿ :- هي ڪاڪ ڀشنڊي تون موٽڪي تمام پرسن جا ٿين ور گهر .

اُداشت سڌيان ، رڌيان سڀ سکون ڪي کان -

موڪش گيان ، وويڪ ، ويراڳيه ، وگيان (تتو گيان) ۽ انيڪ گڻ ، جو جڳت ۾ منين لاءِ به درلڀ آهن ، اهي سڀ اڄ توکي ڏيندس ، اُن ۾ ڪوبه سنشو (شڪ) نه ڄاڻ ، جيڪي به توکي کپي سو گهر .

ڀڳوان کي ٻهڻو مٺان پرسن ڏسي ڪاڪ ڀشنڊي جا گهرايو ، اهو ٻهنجي مک سان بيان ڪندي گرڙ جيءَ کي چوي ٿو-

چوپائي

سن پريو اهڙن اڌڪ انوراڳيئون ، من انومان ڪرن تب لاڳيئون .
پريو ڪهه ڏين سڪل سک سهي ، ڀڳتي اپني ڏين نه ڪهي .
ڀڳتي هين گن سب سک ايسي ، لوڻ بنا بهو وڃن جيسي .
ڀڳتي هين سک ڪوني ڪاجا ، اس بيچار بولي کگ راجا .
جو پريو هوئي پرسن ور ديهو ، موپر ڪرهو ڪرپا اُرو نيهُو .
من ڀاوت ۾ ماڳئون سوامي ، تم اُدار اُر انتر جامي .

دوها

اَبرل ڀڳتي بسد تو ، شرتي پران جو گاو .
جيهي کوجت جوگيس مني ، پريو پرساد ڪوءِ پاو .
ڀڳت ڪلپترو پرنت هت ، ڪرپا سندو سک ڌام .
سوئي ڏج ڀڳتي موهي پريو ، ديهو ديا ڪر رام .
(اُتر ڪانڊ)

ارٿ :- پريوءَ جا وچن ٻڌي مان تمام گهڻي پريم ۾ ڀرجي ويس ۽ مون من ۾ ويچار ڪيو تہ ڀڳوان سڀني سکن ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي

ڪڏهن سامهون اچي وڃي ٿو، هنکي خبر نه پوندي آهي. ٺيڪ اهڙيءَ طرح جي حالت عام سنساري منش جي آهي. اهو به وويڪ جي اک کان خالي آهي، اُنکي به صحيح رستو نٿو سمجهه ۾ اچي، انڪري هؤ اسٿ ته رهندڙ سنساري اڇائن جي پورتي ڪرڻ ۾ لڳو پيو آهي. اُنجو نتيجو ڇا ٿو نڪري؟ هؤ نيچ جونين جي وڏي کڏي ۾ وڃي ڪري ٿو جنهن چوراسي جي چڪر مان تمام ڏکيائيءَ سان نڪتو هو، انهيءَ ۾ جيڪڏهن ڀڳونت ٻي سمجهي، ٻ اگيانتا سان وري وڃي ڪري ته اُنکي انڌو چيو وڃي ته ٻيو ڇا چئجي؟

انڪري جو وڏڀاڳيوان آهي، ست پرش جي سنگت ۾ جنهن جي وويڪ جي اک کليل آهي، اُهي سدائين ڀڳتيءَ جي چاهه ڪندا آهن، سنسار جي ٻي ڪا شين جي ڪڏهين به چاهنا نه ڪندا آهن! ڀڳتيءَ جي برابر نه رڌ، سڌ ايتري ڪائين جو مڪتيءَ کي به ٺڪرائي ڇڏيندا آهن، پوءِ سنساري سکن جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟

شري رامائڻ جو پرسنگ آهي:-

ڀڳوان شري رامچندر جي مهاراج جڏهن ڪاڪ ڀشنڊي تي پرسن ٿيا هئا ته اُهن فرمايو-

دوها

ڪاڪ ڀشنڊي مانگ ور، اتي پرسن موهه جان .
انيماد ڪ سڌي اپر رڌي، موڇ سڪل سک کان .
وويڪ، ورڪتي، وگيانا، مني درلڀ گن جي جگ نانا.
آج ديئون سب سنشيه ناهين ماگ جو توهي ڀاوءِ من ماهين-
(اُتر ڪانڊ)

لڌو آهي ۽ ڪيترن ڏکيائن ۽ مشڪلاتن سان ڀريل آهي ۽ توکي اتي اڪيلو وڃڻو پوندو ڪنهنکي به پاڻ سان گڏ وٺي ويندي -

سڪندر چيو ، مان مشڪلاتن کان نه ڊڄندو آهيان ، ڇاڪاڻ ته مان انهيءَ چوٽي کي ميچيندو آهيان نه -

شعر

مشڪلي نيست ڪ آسان نه شود !

مرد بايد ڪ هر اسان نه شود !

ارٿ :- اهڙي ڪا به ڪٺنائي نه آهي جنهنکي سولو نه بڻايو وڃي ان ڪري منش کي گهرجي ته بهادر ٿئي ۽ مشڪلاتن کان ڪڏهين به نه گهٻرائي .

❀ شعر ❀

همت ڪري انسان تو ڪيا هو نهين سڪتا .

وه ڪونسا عقدا هئه جو وا هو نهين سڪتا !!

ارٿ :- جيڪڏهين انسان همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي ته اهڙو ڪهڙو ڪم آهي جو انسان نه ڪري سگهي اهڙي ڪهڙي مشڪل ڳالهه آهي جنهنجو ڪو رستو نه ملي . هرهڪ مشڪلات يا ڳالهه جو ڪو نه ڪو رستو ضرور آهي - فقط ان رستي کي همت ۽ حوصلي سان ڳولها ڪرڻ جي ضرورت آهي . انهيءَ سبب هي مالڪ توهان ڪرپا ڪري ان جڳهه جو پتو ٻڌايو ، جتي مان وڃي ان امرت کي پيئان ۽ سدائين لاءِ امر ٿي وڃان .

سنت سڪندر کي ان جڳهه بابت چڱي طرح سمجهايو ۽ جتي اهو امرت ڪنڊ هو ۽ اتي پهچڻ جو رستو به ٻڌايو .

سڪندر امرت ڪنڊ ڏي وڃڻ لڳو ، رستو برابر ڏکيائن ۽

اهو ته سچ آهي، پر پنهنجي ڀڳتي ڏيڻ جي ڳالهه ته ڇڏي. ڀڳتي ڪانسواءِ سڀ گڻ ۽ سڀ سک انهن آهن جيئن لوڻ ڪانسواءِ سڀ لذيذ طعام (ڀوڄن) ڀڳتي ڪانسواءِ سک ڪهڙي ڪم جا؟ هي گرڙجي اهو ويچار ڪري مون ڇيو، هي ڀڀوجي توهان موٽي ڀرسن ٿي ڪو ور ڏيڻ ٿا چاهيو ۽ مونتي ڪرپا ۽ ڀرپرم ٿا ڪريو، ته هي سوامي! مان پنهنجي دل گهريو ور ٿو گهران، توهان اڌار دل وارا ۽ دان جي جاڻڻ هار آهيو ته توهانجي پريما ڀڳتي ڏيو.

ڀڳتي ۽ جي مهما ويدن ۽ پراڻن ڳائي آهي، جنهنکي ڀوگيشور مني ڳولهيندا ڦرن ٿا ۽ جا پڀو جي ڪرپا ڪانسواءِ ڪي ورلا ئي پائين ٿا هي ڀڳتن جي من مطابق ڦل ڏيڻ وارا ڪلپترو! هي شرڻ ۾ آيل جا ڀلو چاهيندڙ! هي ڪرپا جا ساگر! هي سکڌام رام جي! ادنا ڪري مونکي اهائي پنهنجي ڀڳتي ڏيڻ جي ڪرپا ڪريو.

مطلب اهو ته مهاپرشن جي سنگت ملڻ سان انهن کان امرت سروپ ڀڳتي جي دات جي گهر ڪرڻ گهرجي، سنساري سامان ۽ سنساري اڇائن لاءِ چاهه انهن جي سامهون نه رکڻ گهرجي مها پرشن جي ڪرپا ٿيڻ تي ئي امرت روپي ڀڳتي جي گهر نہ ڪري انهن سمجهڻ گهرجي جيئن امرت ڪنڊ تي پهچي به امرت پيئڻ جي واپس موٽي اچي جيئن سڪندر ڪيو هو اها ڪٿا هن ريت آهي.

هڪ ڀيري هڪ سنت سڪندر تي پرسن ٿيو ۽ چيو ته پنهنجي من جي جيڪا خواهش هجي سا گهراءِ مان توکي ڏاڍو پرسن آهيان

سڪندر عرض ڪيو ته مهاراج جي توهان مونتي پرسن آهيو ته اها ڪرپا ڪريو ته مان امر ٿي وڃان.

سنت چيو ته امر ته تون تڏهن ٿيندين جڏهن تون امرت پيئندين، مگر جتان امرت ملي سگهندو، اتي پهچڻ تنهنجي لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي. جاڪاڻ ته رستو تمام ڏکيو ۽

امرت ڪنڊ هو ۽ اُون ايڪ جڳهه تي ڀڄي ويو هو ليڪن ڀوڪنڊهن انهو هڪ ٻڪ ته پيئن ها ته سچ پچ امر ٿي وڃن ها. پر ڪانءَ جي چوڻ ۾ اچي اُون ڏوکو کائي ويئن. اهو ڪانءُ ته هڪ شيطان هو، جنهن نٿي چاهيو ته اُون امرت پي امر ٿي وڃن هن ۾ ٻنهي ڄڻن ڳالهين ۾ لوڪي ڦاسائي ڇڏيو.

اهو ٻڌي سڪندر ڏاڍو پڇتايو، پر هاڻ ڇا ٿي سگهيو؟

ان درشٽانت کي

هاڻ توڙو پرمارٿ جي نظر سان ڏنو وڃي ۽ وچار ڪيو وڃي جو اصليت کي سمجهائڻ لاءِ هت ڏنو ويو آهي.

سڪندر ڪير آهي؟ هو جيو آهي ۽ هو سنت؟ وقت جو مهاپرش آهي. ڀڳوان جي ڀڳتي امرت آهي جا جيو کي امرپد ڏيڻ واري آهي. شيطان ڪير آهي؟ اهو انسان جو پنهنجو من آهي. ست سنگ روپي امرت ڪنڊ وٽ ڀڄڻ تي ٻه من انکي ڀڪائي ڀرمائي ۽ ڀٽڪائي ٿو ۽ ڀڳتي روپي امرت پيئڻ کان روڪي ٿو. جيڪو انسان من روپي شيطان جي چڪر ۾ اچي ٿو، اهو امرت روپي ڀڳتي کان وڇڙي وڃي ٿو ۽ نتيجي طور پنهنجو لوڪ ۽ پرلوڪ ٻئي بگاڙي ٿو. جيون ڀر سچي سک ۽ سچي آنند کان محروم ٿو رهي ۽ ليڪ جوڻين جي ڪڌي ۾ وڃي ڪري ٿو.

ان سبب هن من کان هميشه هوشيار ۽ ساوڌان رهندي مها پرشن کان هميشه ڀڳتي جي چاهه رکڻ گهرجي، جا لوڪ پرلوڪ تاهڻ واري آهي ۽ مهاپرشن جي چرڻن ۾ اهائي پرارٿنا ڪجي ته.

ڀڳتي مڪتي مانگون نهين، ڀڳتي دان دي موهه.
اور ڪڇو ياچون نهين. نسدن ياچون توهه.
(پرم سنت شري ڪبير صاحب)

تڪليفن سان ڀريل هو، پر سڪندر همت وارو ۽ پنهنجي ڌن وارو انسان هو، ۽ رستي ۾ سڀني اهڙن مشڪلاتن کي پار ڪندو ويو ۽ وڃي امرت ڪنڊ تي پهتو - هن اهي سڀ نشانيون ملايون ۽ ڏٺيون جيڪي جيڪي ان استان بابت سنت ٻڌايون هيون اهو ڏسي ڪري محسوس ڪيائين ته برابر ٺيڪ جڳهه تي پهچي ويو آهيان ۽ ڏاڍو گد گد ٿيو ۽ سوچيائين ته هاڻ رڳو امرت پيئڻ جي دير آهي پوءِ مان امر ٿي ويندس ۽ پوءِ نه رڳو هن سرشٽيءَ تي پر موت تي به فتح پائيندس -

اهو سوچي هن همت ۾ امرت ڀريو ۽ چپن تائين کڻي آيو ۽ امرت جو ڍڪ پيئڻ وارو هو ته ڪنهن پکي جي درد ڀري آواز ٻڌڻ ۾ آئي ساوڌان، هرگز نه پيئجان ۔

آواز ٻڌي سڪندر چرڪ ڀريو ۽ اُن طرف نهاريو جتان آواز آيو - ڇا ٿو ڏسي ته ٿورو پريان هڪ ڪانءُ ڦٿڪي رهيو آهي ۔ ڪانءُ ڏٺو ته سڪندر مون ڏي نهاري رهيو آهي ته ڳالهائڻ لڳو سڪندر مون طرف نهار، مون به اُن جو ڍڪ پيتو - جنهنجو نتيجو اهو نڪتو جو ٿڙڪي ٿڙڪي حياتي گذاريان پيو ۔ انڪري منهنجي صلاح آهي ته اُنکي نه پيءُ - نه ته پوءِ پڇتائڻو پوندءِ ۔

هنجي ڳالهه ٻڌي ۽ هن جي حالت ڏسي ” سڪندر “ همت ۾ ڀريل امرت ڦٽو ڪيو ۽ واپس موٽي آيو - واپس اچي هو سڌو سنتن جي آشرم تي ويو ۽ چوڻ لڳو ته واهه مهراج! هي توهان مونکي ڪيڏانهن موڪليو هيءَ ته چڱو ٿيو جو ڪانءُ اُتي موجود هو نه ته نه الاهجي منهنجي ڪهڙي حالت ٿئي ها ۔

سنت هنکي سڀ ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ چيو - سڪندر اُتي پهچڻ ۽ ڪانءُ سان گڏجڻ واري سڀي ڳالهه ٻڌائي - ٻڌي ڪري سنت چيو ” سڪندر “ ان ۾ رتي ماتر به شڪ نه آهي ته اهو برابر

2

ڪلياڻ مارگ

(سچو سيوڪ)

٢٠٧

سنسار ۾ سيوڪ جو درجو سڀ کان اوچو آهي. چاڪاڻ ته ان جي مٿان اشٽ ديو ۽ ڪل مالڪ جي خاص ڪرپا هوندي آهي ۽ اُهي اُن جي هر پرڪار جي ڀر گهور ۽ سنڀال ڪندا آهن - پر اهڙو اوچو پد حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته سيوڪ واقعي سيوڪ بڻجي. جيڏن سيوڪ لاءِ جيڪي ڪم - ۽ نيم ضروري آهن، انهن جي دل ۽ جان سان پالنا ڪري.


سمجهاڻي :-

سنت پرشن جا وچن آهن :-

ايهي جن کا پڙدا ڍاڪي ،
ايهي سيوڪ کي سر پر راکي .

هي دادار، مان توهانکان نڪي "سنسار جا پوڄنا پدارٿ ٿو گهران نه ٿي سگهان،" مونکي نه اس پرڀوءِ جي پوتر ۽ ڀڳتي جي ڪرپا ڪريو. مان ٻيو ڪجهه نٿو چاهيان - مان نه توهانکان توهان کي چاهيان ٿو. آن گهڙ ۾ ٿي منهنجو ڀالدو ڪليان آهي.

نوٽ :- جنوري ١٩٨٨ کان هن پرسنگ ۾ شري شري ١٠٨ شري ٻي پاتشاهي مهاراجن جا پوتر جيون چرتر پيش ڪيا ويندا، شري شري ١٠٨ شري ٽيون پاتشاهي مهاراجن جا ساڳي پوتر جيون چرتر وري ڪنهن ٻي ڌرمي ڏنا ويندا.



جو بيان ڪندي مها پرش فرمائين ٿا ته :-

گر ستگر ڪا جو سک آکائي ،
سو پل ڪي اوٽ هر نام ڌياوي .
(گوڙ پائڙي)

ارٿ :- جيڪو منش شري ستگورو ڏٺو جو سچو شش ۽ سيوڪ ٿو چورائي اهو روزانو سوير صبح جو اٿي پرڀو پرماتما جو سمرڻ ٿيو ڪري .

پرڀات وقت پرڀوءَ جي نالي جو سمرڻ ڪندي ۽ شري ستگورن جي پوتر چرن ڪملن جو ڌيان ٿو ڪري ، انکي جنم مرڻ جي چڪر کان مڪتي ٿي ملي .

پرڀاتي پرڀ نام جپ ، گرو ڪي چرڻ ڌياءِ .
جنم مرڻ مل اوتري ، سچي ڪي گڻ گاءِ .
(گرو باڻي مارو وار محله ٥)

ارٿ :- ستپرش فرمائن ٿا ته پرڀات جو اٿي پرميشور جي نالي جو جاپ ڪريو ۽ ستگورن جي چرڻ ڪملن جو ڌيان ڪريو . ستيه سوروپ پرميشور جا گڻ ڳائڻ سان جنم مرڻ جي ملينتا لهي ٿي .

سنسار جي اوچي ۾ اوچي پدوي حاصل ڪرڻ سان به جنم مرڻ جي بندن کان ڇوٽڪارو ڪونه ٿو ملي ، ملندو جڏهن هڪ سچو سيوڪ ، سيوا ، ڀڳتي ، سمرڻ ، ڌيان جي پرتاپ سان جنم مرڻ جي چڪر کان جلدي مڪتي حاصل ڪري پرم ڌام ۾ وڃين ٻڪو استان حاصل ٿو ڪري . اوچي ۾ اوچي پدوي حاصل ڪري به سنساري منش ٻڌن - ڀڳتيءَ ۾ وقت ڏيڻ جي بجاءِ مايا ڪمائڻ ۽

اپني داس کو ديهہ وڏائي .
اپني سيوڪ کو نام جپائي .
اپني سيوڪ کي آپ پت راکي ،
تاکي گت مت کوءِ نہ لاکي .
پرڀو کي سيوڪ کؤ کونہ پهچي ،
پرڀ کي سيوڪ اوچي تي اوچي .
جو پرڀ اپني سيوا لائيا ،
نانڪ سو سيوڪ دهہ دس پرگٽائيا .
(گرو باڻي ، گؤڙي سکمني محلہ ۵)

ارٿ :- پرڀوءُ پنهنجي سيوڪ جو پاڻ وڏيکي ٿو ، ۽ انجي رکشا ۽ سنڀال ڪري ٿو - پرڀوءُ پنهنجي سيوڪ کي مان ڏئي ٿو ۽ اُنکان نام (شبد) جپائي ٿو - پرڀو پاڻ پنهنجي سيوڪ جي لڄ رکي ٿو ، اُنجي اوچي اوسٿا ۽ مهانتا جو ڪوبہ اندازو نٿو لڳائي سگهي . سنسار جو ڪوبہ ماڻهو پرڀو جي سيوڪ جي برابري نٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ تہ پرڀوءَ جي سيوڪ جو درجو اوچي ۾ اوچو ۽ سڀ کان اُتم (وڏو) آهي . جنهنکي پرڀو پنهنجي سيوا ۾ لڳايو آهي يعني پنهنجي سيوڪ بڻڻ جو موقعو ڏنيو آهي ، گرو جن فرمائن ٿا تہ اهو سيوڪ ڏهني ڏسائن ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو ۽ جڳ ۾ اُنجي ڪيرتي (مهما) ڦهلجي وڃي ٿي -

سنسار جو ڪوبہ عهدو رواجيءَ ۾ رواجي حاصل ڪرڻو هجي ، تہ بہ انسان کي ڪجهہ خاص ساڌن ڪرڻا پون ٿا ۽ ڪجهہ خاص نيمن جو پالن ڪرڻو ٿو پوي . سيوڪ جو درجو تہ سڀني کان وڏو آهي . سچو سيوڪ بڻڻ لاءِ ڪجهہ خاص نيمن جي پالنا ڪرڻ تمام ضروري آهي .

سچي سيوڪ بڻڻ لاءِ جيڪي نيم آهن . اُهن مان پهرين نيم

ڇٽوت نانڪ داسنداسا ؛ جڳ هاريا تن جيتا -

(گروواڻي ، پرڀاتي محلا ١)

شري گرو نانڪ ديو جي مهاراج فرمائين ٿا ته جيڪو ڀاڳي پرڀاتي ڇڏي ۽ پرڀات جو اٿي ستگروءَ جي چوڻ موجب پرڀوءَ جي نالي جو سمرڻ ٿو ڪري ۽ داسن جو داس ٿيڻ ٿو وڃي ، اهو جيون جي بازي کٽي ٿو وڃي - جنهن صورت ۾ ته سنساري انسان جيون جي بازي هارائي ٿو وڃي .

سيوڪ لاءِ گهٽ کائڻ . گهٽ ڳالهائڻ ۽ گهٽ سمهڻ لازمي آهي - اهي مالڪ سان ملڻ ۾ آتما جي اُنتي ۾ مدد ٿا ڪن ، سيوڪ کي اڻترو ٿي کائڻ ۽ سمهڻ کپي جنهن سان شرير اوڳيون رهي ۽ ڀڄن ڀڳتي ۽ سيوا جو ڪم سٺي نموني ٿي سگهي . گهڻو ڀري کائڻ وارو ۽ ڏينهن سمهڻ وارو ڀڄن نٿو ڪري سگهي - ڀڳوان شري ڪرشن چندر جي مهاراج ته پنهنجي پياري ڀڳت ارجن کي چوي ٿو ته :-

ارٿ :- هي ارجن هي يوگ نه ته گهڻي کائڻ واري کان ٿئي بلڪل نه کائڻ واري کان نڪو گهڻو سمهڻ واري کان نڪو سدائين جاڳڻ واري کان سڌ ٿيندو آهي -

" دکن کي ناس ڪرڻ جو يوگ واجب کاڌو پيتو کائڻ وارو واجب ڪرمن جي چيشٽا (آدم) ڪرڻ واري جو ۽ واجب سمهڻ ۽ جاڳڻ واري جو ئي سڌ ٿيندو آهي - انڪري واجب ٿي ڀوڄن ڪرڻ کپي ۽ اهو خيال رکي ته ڀوڄن ساتوڪ هجي . ساتوڪ ڀوڄن جو ورڻن ڀڳوان شري ڪرشن چندر جي مهاراج گيتا جي ١٧ ادياءَ ۾ ڪيو آهي - جيڪو ڀوڄن عمر ، ٻڌي ، ٻل ۽ تندرستي کي وڌائڻ وارو هجي ، رس (سوادي) کان خالي ۽ جلد هضم ٿيڻ وارو هجي اهڙي ڀوڄن کي ساتوڪ چيو ويندو آهي . ڀوڄن کهڙو ۽ ڪيترو

اُهو سان سنبندر رکندڙ پدارٿن ۾ لڳائڻ سان "چوراسيءَ" ۾ وڃي ٿو پوي جيون جي بازي هارائي ٿو ۽ ٺهن چوراسي خريد ٿو ڪري - جنهن صورت ۾ سچو سودو ڪ نام ۽ ڀڳتيءَ جو سچو ڌن ڪمائي جيون جي بازي جيتي ٿو وڃي - ست پرشن جا وچن آهن ته :—

گرو سيوا تي ڀڳتي ڪمائي ۔
تب اهه مانس ديهي پائي ۔
اس ديهي ڪو سمرهه ديو ۔
سو ديهي ڀڄ هر ڪي سيو ۔
ڀڄهه گووند ڀول مت جاهه ۔
مانس جنم ڪا ايهي لاهه ۔

(گورو باڻي)

ارٿ :- شري ڪبير صاحب جن فرمائن ٿا ته گروءَ جي سيوا دوارا جڏهن جيو ڀڳتيءَ جي ڪمائي ٿو ڪري، تڏهن هن کي منش جيون جي سڦلتا پراپت ٿي ٿئي. هيءُ منش چولو درلڀ ۽ امول آهي - جنهن لاءِ ديوتا به پراپت ڪرڻ لاءِ اڇا (خواهش) ٿا ڪن - هاڻ اهڙو امول شرير پراپت ڪري سدائين پرماتما جي سيوا ڀڳتي ڪندا رهو. گوبند جو ڀڄن ڪرڻ ڪڏهن به نه ڀلائي. ڇاڪاڻ ته منش جنم جو فقط اهو ئي هڪ لاڀ آهي.

هو ٿئن ته ڀڄن ڌيان يا نام سمرڻ هر وقت ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ کپي - پر ان لاءِ سڀ کان اُتم وقت مها پرشن پرڀات جو ويلو ئي ٻڌايو آهي -

ڏاءِ پرڀاتي سبد ڏيائي چوڏهه دني پريتا ۔

ڪرڻ ڪاڻ پوءِ به ڀڳوان جي ويڇهرائپ ۽ پرسنتا حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿو رهي. ويچار ڪريو ته جڏهن سڀني پراڻين ۾ اُن پرماتما جو نور آهي ته پوءِ ڪنهن سان ڪوڙو ڳالهائڻ، بي واجب وهنوار ڪري، پرماتما کي خوش ڪري سگهجي ٿو؟ ڪڏهن به نه. شيخ فريد صاحب جا وچن آهن ته:-

اڪ ڦڪا نا ڳالاءِ، سڀنا ۾ سچا ڌڻي.
هيائو نه ڪهي ٺاهه مانڪ، سڀ امولوي.
سڀ نا من مانڪ ٺاهڻ، مول مچانگوا.
جي تئه پريتا دي سڪ هيائو نه ٺاهي ڪهيدا.

(گرو ٻاڻي)

ارٿ:- شيخ فريد صاحب چوي ٿا ته ڪنهن سان به ڦڪو يا ڪڪا وچن نه ڳالهاءِ، ڇاڪاڻ ته سڀني ۾ سچو روپ پرماتما جي جوتي موجود آهي. ڪنهن جي به دل کي نه ڏکاءِ ڇاڪاڻ ته هر هڪ منش املهه رتن آهي. سڀني جي دل هيري برابر آهي. اڱري ڪنهن جي من کي دک نه ڏي. جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ پريتم پرماتما کي پائڻ جي خواهش (اڇا) اٿئي ته ڪنهن جي به دل کي نه ڏکاءِ.

سيوڪ لاءِ پهريون نيم آهي:- نشڪام ڀاوَ سان اشٽديو جي سيوا ڪرڻ. نشڪام ڀاوَ سان سيوا - ڀڳتي ڪرڻ وارو سيوڪ ئي پنهنجي اشٽديو جي ويڇهرائي ۽ پرسنتا پراپت ٿو ڪري. سنت پرش جو وچن آهي ته:-

سيوا ڪرت هوءِ نهڪامي، تسڪو هوت پراپت سوامي.

(گورو ٻاڻي)

هجي ان لاءِ مٿين جو چوڻ آهي ته ."

مطلب ته ڀوڄن پنهنجي وقت ڪيو وڃي ۽ اهو مٺو سڳند وارو ۽ جلد هضم ٿيڻ وارو هجي. فائديمند هجي ۽ حد کان وڌيڪ نه کائجي -

ڀوڄن کانسواءِ هڪ سچي سيوڪ کي جيترو گهٽ ۾ گهٽ (جيئن شرير جي تندرستي تي اثر نه پوي) اوترو ئي کائڻ کپي. وڌيڪ سمهڻ آلس جي نشاني آهي ۽ آلس کي منش جو وڏو دشمن چيو ويو آهي. انڪري سيوڪ کي خاص ڌيان رکڻ کپي ۽ آلس لوزي ننڊ ۾ پنهنجو قيمتي وقت نه وڃائي -

انکانسواءِ هڪ سچي سيوڪ جو فرض آهي ته ضرور جيترو وقت اوسار ڳالهائي ۽ نمرتا ڀري سدائين مٺو ٻولي ويچاروان جو چوڻ آهي ته :-

مطلب ته وقت اوسار ڳالهائي ۽ اهو مٺو لذيذ (وڻندڙ) ٿورو سچو ۽ فائديمند هجي -

ان بابت هڪ سنت جو چوڻ آهي ته :-

مٺا ٻولڻ تو چلڻ هٿون وي ڪڇ دي ۔
رب تنا دي بغلي جهنگل ڪيون ڍونڍي -

مطلب ته جيڪو مٺو ٿو ڳالهائي، نمرتا جي هلت ٿو هلي ۽ پنهنجي هٿان دان پڃ جو ڪم ڪندو رهي ٿو. پرماتما ان جي دل ۾ رهندو آهي. انکي جهنگل ۾ وڃڻ جپ تپ وغيره يا ڪٺن ساڌن ڪري پرماتما کي ڳولهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

انجي ابتڙ جيڪو سدائين ڪٺور وچن ٿو چوي، ٻين سان خراب وهنوار ٿو ڪري، اهو ڪيترن ئي قسمن جا ڪٺور ساڌنائون

سيوڪ سيوا جو ذرو بہ اڀمان نٿو ڪري ۽ ائين سمجهي ڪري نہ
مان ڪجهہ ڪري ٿو ڪريان ، جيڪو بہ ٿي رهيو آهي ، سو مالڪ
ايشور جي ڪرپا سان ٿي رهيو آهي ، اهو ئي ايشور جي پرسنتا
(راضپو) حاصل ڪري ٿو .

مٿي جن نيمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي . انهن نيمن جي
جيڪو پوري طرح پالنا ڪري ٿو ، اهو ئي سچو سيوڪ آهي ۽
اهڙو سيوڪ ئي پنهنجو لوڪ پرلوڪ سکيو ۽ سڦلو ڪري وڃي ٿو .

ارٿ :- جيڪو سيوڪ نشڪام ڀاؤ سان سيوا ڪري ۽ سيوا ڪندي ڪابه اڇا نه رکي . اُنکي ئي اِشٽديو جي پراپتي ٿئي ٿي .

نشڪام ڀاوَنا سان ڪيل سيوا اِشٽديو کي پرسن ڪرڻ جو اُتم رستو آهي - پر ڌيان رکي ته نشڪام ڀاوَنا سان سيوا ڪرڻ تڏهن ممڪن آهي جڏهن سيوڪ پنهنجي من جي وڪارن کي لاهي ڏي ، من مٽيءَ کي ليائي گرو مٽيءَ کي ڌارڻ ڪري ۽ ستگروءَ جي آگيا موجب سيوا ڪري اهڙي سيوڪ کي پرلوڪ جا سڀ سک سهج سڀاءِ ملي ٿا وڃن . هو پنهنجي اُڌار ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ڪٽنب ، خاندان (ورڻ) ۽ سنسار جو اُڌار ڪرڻ وارو بڻجي ٿو پوي .

جن جن گرمک سيويا ، تن سڀ سک پاءِ .
اوهه آپ ترئيا ڪٽنب سڻ ، سڀ جڳت تراءِ .

(گرو باڻي مارو وار محله ٥)

ارٿ :- جن سيوڪن گرو جي وچن انوسار سيوا ڪئي آهن کي سڀ سک پراپت ٿا ٿين ، اُهو پاڻ ته ڀوساگر کان پار پوي ٿو ۽ ڪٽنب سميت سنسار کي تارڻ وارا ٿيا آهن .

سنساري انسان پنهنجي ڪٽنب ، پريوار کي سکي ڪرڻ لاءِ ڪيتري نه محنت ۽ ڪوشش ٿو ڪري - پر پوءِ به اُن ڳالهه جي خاطري نه آهي ته اُهيءَ کي سکي ڪري سگهندو ! پر مٿين باڻيءَ ۾ سمت پرشن لوڪ پرلوڪ جي سکن جي خاطري (گرنٽي) ڏني آهي . اِنکري ستگرن جي سيوا جنهنکي ملي وڃي ، اهو پنهنجن ڀاڳن جي جيتري ساراهه ڪري اها گهٽ آهي . پر ياد رهي ته سيوا ڪندي ذرو به هردي ۾ اڀمان نه اچي - جيڪو

ڪٿا ڀڳت امبريش

شريمد ڀاڳوت ۾ چيل آهي ته :-

انيڪ جنمن جي ڪيل پُڻيه ڪرمن سبب جڏهن جيو جا ڀاڳ، جاڳن ٿا ۽ ان کي ست پرشن جي سنگت پراپت ٿي ٿي، تڏهين اگيان جا خاص پڙدا موهه ۽ اهنڪار جا پڙدا ناس ٿا ٿين ۽ هن جي چت ۾ وويڪ جي روشني جاڳرت ٿي ٿي.

ڀڳت امبريش ته اهڙو ئي ڀاڳوان انسان هو، ست پرشن جي پوتر سنگت جي پرتاپ سان ان جو هردو، وويڪ جي پرڪاش سان مالا مال هو. ڀڳت امبريش هڪ وڏي راجيه جو راجا ۽ اپار ڌن سمپدا جو مالڪ هو.

ان وقت سنسار ۾ اهڙو ڪوئي راجا نه هو جو انجي برابري ڪري سگهي، پر اهڙي ڌن سمپدا ۽ جس جو سوامي هوندي به مهاراج امبريش جو چت هميشه ايشور جي چرنن ۾ لڳو رهندو هو، هن کي ڌن، جائداد، جس، لوڙي راجيه وغيره سان ڪو به موهه نه هو ۽ نڪو هن جي هردي ۾ انهن سڀني جو ماڻ وڏائي يا اهنڪار هو.

ڀڄن

(اُپديش)

طرز: - رامچندر ڪهہ گئي سيتا سي ....

ٽيڪ: - نام پرڀو ڪا سمرلي پراڻي، ڀو سي پار لڳائيگا،
آواگمن ڪا چڪر ٽيرا، نشچيہ هي ڪٽ جائيگا.

١ - پيارا پيارا نام پرڀو ڪا، سرو سکون ڪي کان هئہ.
جهني والا دک نهين پاوي، سنتون ڪا فرمان هئہ.
جو ڀي اس سي پريت لڳالي، سچا سک وهہ پائيگا.

٢ - ان سي ڏنڍي دنيا ڪي ڪر، دل نہ اس ۾ ڦنسا اپنا.
سواس سواس ۾ ڪل مالڪ ڪا، نام سدا هي تون جپنا.
جيون سڦل هو جاء اگر تون، ڀڪتي ڀهہ دل ۾ بسائيگا.

٣ - ڪوئي وپد گر آن پڙي تو، پل ۾ نام آسان ڪري.
ساچي نام ڪي اڌڀوت مهما؛ ورڻن ڪيا زبان ڪري.
پرڀو ڪا نام هئہ سچا ساٿي، انت گهر ۾ پهچائيگا.

٤ - اي "داس" هوشيار تون هوجا؛ سمجهہ نہ وپرت گذوا ديا.
ستگرشون ڪي شرڻ گرهڻ ڪر، شبد سي سرت ملا ليا -
مالڪ ڪي دربار ۾ تيرا، مک اُجول هو جائيگا -

ڌمڪ انکي پنهنجي طرف ڇڪي نٿي سگهي . ڌن ، مال ملڪيت عهدو ، اقبال ۽ شهرت (ناموسي) حاصل ٿي وڃڻ تي به هنجي دل ۾ سدائين نمرتا ۽ دينتا جو نواس رهي ٿو . اهنڪار جو ڀاڇو به نه ٿو رهي . ڇاڪاڻ ته اهي ان ڳالهه جا ڄاڻو هوندا آهن ته — اهي سڀ چيزون هميشه نه رهنديون ۽ وشواس ڪان خالي هونديون آهن ، هي سدائين ساٿ نباهڻ واريون نه آهن . جهڙيءَ طرح ڦل لڳڻ سان وڻ جون ٽاريون جهڪي وينديون آهن . اهڙيءَ طرح ڀڳوان جو پيارو ڀڳت به ڌن ، مال ملڪيت ، ناموس وغيره حاصل ٿيڻ سان به نمر ڀاوَ ۽ دين ٿي رهي ٿو . (نماڻو ۽ نهٺو ٿي رهي ٿو) اهو اهيءَ ڳالهه کي سدائين ياد رکي ٿو ته :—

جواني ، سندرتا ، حياتي ، ڌن ، مال ملڪيت ، ناموس مٽر ، مانت وغيره اهي سڀ وڃڻ وارا آهن ، ان ڪري گيانوان انسان جو انهن ۾ موهه — ممتا وغيره نٿو رهي .

شرير ته ڏکن سان ڀريل آهي . ملڪيت سان گڏ آپتي ۽ گڏ هئڻ سان وڃڻ به آهي ۽ سڀ پيدا ٿيندڙ شيون ناشوان آهن (ناس ٿيندڙ آهن)

ان ڪري ڀڳت ماڻهو نه ڌن ملڪيت جو مان ٿو ڪري ۽ نه ٿي عهدي ، راڄ اڌڪار جو ابھمان ، انهن سڀني کي واريءَ جي ڀت وانگر ڪچ ڀڳر ، سپني وانگر ، جوٺي ڄاڻي هو سدائين ڀڳوان جو ڀڄن — ڌيان ۽ سمرڻ ۾ پنهنجي سرليءَ کي جوڙي رکي ٿو . هو سدائين مها پرشن جي هتن وچنن کي ياد رکي ٿو .

رام سمر رام سمر ، اهي تيري ڪاج هئه ۔
مايا ڪا سنگ تياڳ ، پرڀوجي ڪي سرن لاڳ ۔
جڳت سک مان مٿيا ، جوٺو سڀ ساڄ هئه اک راهه ۔

ڪوئي سڀاڳل انسان جنهن وٽ نه ڌن هجي نه عيش آرام جا سامان هجن. جهڙڪي اِن وقت جي روئيءَ ۾ مشڪل سان ملي اهو جي انهن شين سان سنسار مان ڪٿوئي ؟ ويراڳ جا گيت ڳائي نه ان ۾ ڪا تعجب جي ڳالهه نه آهي پر ڌن ملڪيت ۽ عيش عشرت جا سڀ سامان موجود هوندي به انجي اڇا رکي، سنسار ۾ رهندي هوندي ضروري ڪم ڪاريون ڪندي به جو سنسار جي موهه ممتا کان الڳ رهي - جنهنجي چت ۾ ڀڳوان جي ڀڳتي ۽ اُن ۾ پريم قائم رهي اهڙو ڪو ڪرمڪ انسان ئي ٿيندو آهي جنهنتي پرڀوءَ جي تمام گهڻي ڪرپا ٿيندي آهي ۽ سٺي قسمت سان اُنکي ست پرشن جي سنگت به ملي وڃي. ڌن، مال ملڪيت، عهدو حڪومت، جس وغيره حاصل هوندي به ڀڳت جن سنسار کان ۽ سنسار جي ڀوڳن کان ڪمل جي گل وانگر الڳ رهندا آهن. اُن جي چت ورتي هميشه پرماتما جي چرڻن سان جڙيل رهندي آهي.

❀ دوها ❀

سڪل سرو من نام هئه ۽ سڀ ڌرمن ڪي ماهين.
(انڌيه) ڀڳت وهه جاڻيي، سمرن ڀولي ناهين.
جگ ماهن نياري رهو، لگي رهو هري ڌيان.
پرٿوي پر ديهي رهي، پرميشور ۾ پران.

(سنت چرن داس جي)

سنسار ۾ اڪثر ڏٺو وڃي ته ٿورو ڌن، ملڪيت يا معمولي عهدو ۽ اڌڪار ملڻ ٿي ته انسان اهنڪار ۾ ڀرجي پيو آهي ۽ پنهنجو پاڻکي الاهي چاڙهو سمجهي. پر جن ڀاڳشالي ڪرمڪن ۽ ڀڳتن جي هردي ۾ پرماتما جو ڌيان ۽ اُنجي پريم روپي ڀڳتي وسي وڃي ٿي ڀڳوان ڪي ٿي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهي ٿو، مايا جي چمڪ

سنسار ۾ رهندي ۽ ضروري ڪم ڪار ڪندي هوندي به، مايا يا سنسار ۾ پنهنجي چت کي نه ڦاسائي، نه ئي ڪنهن شئي جو ايمان نه ڪري دل ۾ نمرتا ۽ دينتا ڌاري سڀ سان پريم وارو ورتاءُ ڪندي آهي ڀڳوان جي ڀڳتي، پوڄن، سمرڻ، ڌيان ۾ سدائين مشغول ٿو رهي. چاڪاڻ ته هو فقط ڀڳوان کي ئي پنهنجو مٽر ۽ سنبنڌي ۽ وڏي آسري وارو سمجهي ٿو.

پرم ڀڳت مهاراجا امبريش به پنهنجي چت کي ڀڳوان جي ياد گيريءَ ۽ وائيءَ کي انهيءَ جا گڻ ۽ مهما ۾ ڳائڻ، ڪنن سان انهيءَ جي مهما ٻڌڻ، اکين سان انجو درشن ڪرڻ ۽ هٿن پيرن کي ڀڳوان جي ۽ سادو سنتن جي سيوا ۾ لڳائي رکيو. سنسار جي ڌن، مال ملڪيت، راڄ اڌڪار، مان شان کي مٽيءَ جي برابر ۽ وشيه ڀوڳن کي زهر برابر سمجهندو هو اهنڪار ته هن کي ڇهي به نه ٿي سگهيو. هو ته پنهنجا سڀ ڪرم ڀڳوان کي ارپن ڪرڻ لاءِ ڪندو هو. هو نمرتا، دينتا، ڪميا، ديا، سهنشيلتا وغيره سد گڻن سان ڀرپور هو. سڀني سان هنجو ورتاءُ پريم ڀريو هو، چاڪاڻ ته هو سڀني ۾ ڀڳوان جي جوت ڏسندو هو. هو جيڪي به يگيه، ورت، اپواس، دان پن جا ڪرم ڪندو هو، اهي صرف ڀڳوان کي ارپن ڪرڻ لاءِ ڪندو هو. سنسار يا سرڳ جي سکن کي حاصل ڪرڻ لاءِ نه، چاڪاڻ ته هنجي نظر ۾ ڀڳوان جي پرسنتا جي برابري ۾ اهي سڀ سک تڇ ۽ ڪوڙيءَ جي برابر آهن.

جڏهن پرماتما جي ڀڳت جي اهڙي حالت ٿي وڃي، جو هو پنهنجو وڏي ۾ وڏو آسرو پنهنجي اشٽديو ڀڳوان کي ئي سمجهي ۽ پنهنجي سرت جي ڌاڳن کي سڀني طرفن کان ٻڌ ڪري هر وقت ڀڳوان جي سمرڻ، ڌيان ۽ سيوا پوڄا ۾ ئي لڳو رهي، ته پوءِ ڀڳوان به اهڙن ڀڳتن جي رکشا ۽ سنڀال جو بار پنهنجي مٿان

سپني جنهن ڌن پڇان ، ڪاهي پر ڪرت مان ؛
ٻارو ڪي پيٽ جنهنسي ، ٻسوڏا ڪو راج هنس ۔
نانڪ جن ڪهت ٻات ، ٻنس جهي تيرو ڳات ۔
چن چن ڪر ڳائو ڪال ، تنسي جات آج هنس ۔
(گرباڻي جنجا ولعي محلا ۹)

اي مڻش ، پرڀوءَ جي نالي جو سمرڻ ڪر نام جو سمرڻ ڪر ، اهوئي تنهنجو سچو ۽ پنهنجو ڪم آهي مايا ۽ مايا جي پدارٿن جي سنگت کي ڇڏي ڪري پرميشور جي شرڻ حاصل ڪر ، اهيءَ ۾ تنهنجو فائدو ۽ ڪلياڻ سمايل آهي . سنسار جا جيترا به سک ۽ سکن جا سامان آهن انهن سڀني کي ڪوڙو ۽ سنسار جي سمبنڌن شوڪت کي بي بقا ۽ بي وفا سمجهو ۔

ڌن ، مال ملڪيت ته سپني وانگر بي بقا آهي ، پوءِ تون اُن کي پائي ڇا لاءِ ٿو ڦولجين يا اڀمان ڪرين ؟ جيڪڏهن سڄي پرلوڪ جو راڄ به ملي وڃئي ته اهو به واريءَ جي ڀت وانگر آهي شري گرو تيغ بهادر مهاراج جن چون ٿا ته اي مڻش تنهنجو هيءُ پنهنجو شرير ، جنهن لئي تون ايڏو ناز آهين ، اهو به ناس ٿي ويندو ڪڻ ڪڻ ٿي ڪري ، جيئن ڪلهه جو ڏينهن گذري ويو ، اهڙي نئي اڄ جو وقت به گذري رهيو آهي ۔

مهاپرشن جي مٺين واڻي مان اها ڳالهه بلڪل چٽي طرح ثابت ٿي وئي ته ڀڳوان جي شرڻ حاصل ڪري ابچو پدون ، ڌيان ڪرڻ ۾ ئي انسان جو ڪلياڻ سمايل آهي . ڀڳت جن اِن ڳالهه کي چڱيءَ طرح سمجهي ۽ محسوس ٿو ڪري - انڪري اهو

ديو گرو ورهسپتي اندر کي ٻڌائي ٿو ته هي ديوراج! ڀڳوان جو سيوڪ ٻڌ. هو ڀڳتيءَ لاءِ ڪيل اپراڌ تي ڪڏهن به ناراض نه ٿيندو آهي، پر جيڪو انهيءَ ڀڳت جو اپراڌ ڪندو آهي، ته اهو ڀڳوان جي ڪروڌ اگنيءَ ۾ جلي ويندو آهي لوڪ ۽ ويد ٻنهي ۾ اهڙا اتهاس مشهور آهن. انهيءَ مهما کي درواسا چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

مهرشي درواسا اها مهما ڪيئن نه ڄاڻي؟ انهيءَ ڪري جو ان کي انهيءَ ڳالهه جي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي - ڀڳت امبريش ۽ درواسا جي اها ڪٿا ڀڳتيءَ جي مهما ۽ ڀڳوان جو پرڻ ظاهر ڪرڻ واري آهي. پاٺڪن جي ڌيان ۽ ڄاڻ لاءِ هيٺ ڏني وڃي ٿي -

مهاراجا امبريش هڪ دفعي سال جي سڀني ڳيارسن جو ورت رکڻ جو پڪو ارادو ڪيو، جڏهن سال پورو ٿيڻ تي آيو ته هميشه وانگر ڳيارس جي ورت ڪانپوءِ پارڻ (اپواس کان پوءِ پهريون ڀوڄن) ڪرڻ کان پهرين هن تمام شرڌا پوروڪ ڀڳوان جي پوڄا آراڌنا ڪئي، تنهنکانپوءِ سپاترن کي دان ڏنو. دان پن وغيره کان واندو ٿي هو پارڻ ڪرڻ وڃي رهيو هو ته ششن سميت مهرشي درواسا اچي آيو. مهاراجا امبريش انهنجو ڏاڍو ڀلو آدرستڪار ڪيو تنهنکانپوءِ ڀوڄن لاءِ انهنکي پرارٿنا ڪئي. مهرشي درواسا جي پرارٿنا قبول ڪندي چيو راجن! اسان اشنان وغيره کان واندا ٿي پوءِ توهان وٽ ڀوڄن ڪنداسون اهو چئي هو اشنان ڪرڻ لاءِ ششن سميت جمنا ڪناري هليا ويا. ان وقت ڳيارس جي ورت ۾ هڪ گهڙي باقي هئي ۽ وقت تي پارڻ نه ڪرڻ سان ورت ڀنگ ٿيڻ جو انديشو ۽ ڊپ هو، هوڏانهن درواسا اشنان ڪرڻ ۾ اهڙو مدو ٿي ويو جو اچڻ جو ناءُ ئي نه پيو وٺي. مهاراج امبريش وڏي سوچ ويچار ۾ پئجي ويو. جيڪڏهن وقت تي پارڻ ٿو ڪري ته

لوڪٽي - ڀڳوان شري ڪرشن چندر جي مهاراج جن هن ڳالهه جي پٺڀرائي ڪندي ارجن کي چوي ٿو ته :-

شعر

ياد ڪرتي هئن مجهي جو لوگ با صدق صفا
اُنکي امداد و حفاظت فرض اولي هئه ميرا .

(شريمد ڀڳوت گيتا ٢٢ - ٩)

هي ارجن! جو تمام گهڻو پريمي ڀڳت مون پرميشور جي سچائيءَ سان، شڌ هردي سان ۽ اشڪام ڀاؤ سان سمرڻ ڪري ٿو، اُن هميشه منهنجي چنتن (ياد ڪيري ڪرڻ واري ڀڳت جي سهائتا ۽ رکشا ڪرڻ مان پنهنجو ڪم سمجهندو آهيان .

ڀڳت وتسل ڀڳوان ڏٺو ته ڀڳت امبريش هر وقت منهنجي ئي ياد ڪيري، ڌيان ۾ مشغول رهي ٿو، ته ڀڳوان اُنجي رکشا ۽ سهائتا لاءِ سدرشن چڪر کي مقرر ڪري ڇڏيو . سدرشن چڪر هر وقت امبريش جي انگ سنگ رهي اُنجي رکشا ڪرڻ لڳو .

ڀڳوان جو اهو به سڀاءُ آهي ته جيڪڏهن اُنجو ڪوئي اپراڌ ڪندو آهي ته اُنکي سهي ويندو آهي، پر ڀڳت لاءِ ڪيل اپراڌ يا انياءُ اهو ڪڏهن به برداشت نه ڪندو آهي . شري رامچرت مانس ۾ ورڻن آهي ته :-

چوپائي

سن سرئس رگهوناٿ سڀاؤ، نج اپراڌ رساهن نه ڪاؤ .
جو اپراڌ ڀڳت ڪر ڪرئي، رام روش پاوڪ سو جرئي .
لوڪهون ويد بدت اِتهاسا، يه مهما جانهن دُرواسا .

(ايوڌيا ڪانڊ)

جو مددگار ۽ رکشڪ آهي ۽ جنهنجو مددگار پاڻ سنسار جو سوامي هجي، انجو ڪوهه ”وار به ونگو نه ڪري سگهندو“ سنتن جو وچن آهي ته :-

* ڪنڊلي *

جاڪي سر پر رام هٿ، ڪو ڪر سڪي اڪاج ·
ڪو ڪر سڪي اڪاج، بار ناهن واڪو بانڪي ·
چڪر سدرشن چنئه، ڪوءِ ا- نظر سي تاڪي -
لوهو ڊاري رام ڀڳت ڪو ڊري ڀسيندا -
ڪا بالڪ ڀهلاد ڀيا هرناڪس ٢ ڀينا .
ڪر ٣ پندون ڪي پڄ، پرت ٤ ڪو ديا جتائي -
امبريڪ ڪي هيتو دربا سا ناچ نچائي ·
پلٽو پاريو گرا ته ڪٽو هانڪ ٥ ديو گج راج ·
جاڪي رت پر رام هٿ ڪو ڪر سڪي اڪاج -

(سنت پلٽو داس جي)

مهرشي دروا سا اهو ڇني ڪري نه لوڪي هاڻ ٿي مزو ٿو چڪاپان، پنهنجي سر مان هڪ جٽا ڇني ۽ انکي زور سان ڌرتي تي اڇلي، جنهن ڪري ان مان هڪ ڀيانڪ ڏائڻ پيدا ٿي. ڪرتيا ان شڪتي ۽ کي چئبو آهي جا غلط منتر يعني منتر جي طاقت سان ڪنهنکي مارڻ لاءِ پيدا ڪئي ويندي آهي، اها هٿ ۾ تلوار کڻي مهاراج امبريش جي طرف وڌي مهاراج هٿ جوڙي شانت چت سان پنهنجي جڳهه تي بيٺو هو، ڏائڻ کي ڏسي هو ذرو به

١ - ٻري درشٽي سان ٢ - دشمن ٣ - پالڻو ٤ ارجن ٥ - پڪار

ورت ٽو ڀنگ ٿئي ۽ مهرشي دروساکي ڀوڄن ڪرائڻ کان اڳ ڀوڄن ڪرڻ ڪنهن به طرح سان واجب نه هو. مهاراج امبريش ڪري نه ڄاڻا ڪري؟ هن براهمڻن سان صلاح ڪئي. براهمڻن چيو ته توهان ڀڳوان جو چرڻامرت وٺي پارڻ ڪريو. ان سان توهان جو ورت به ڀنگ نه ٿيندو ۽ مهمان کي ڀوڄن ڪرائي ڀوءِ ڀوڄن ڪرڻ جو الزام نه ڀوڳڻو پوندو.

مهاراج امبريش براهمڻن جي صلاح موجب ڀڳوان جو چرڻامرت وٺي پارڻ ڪيو ۽ ڀوڄن لاءِ مهرشيءَ جو انتظار ڪرڻ ويٺو.

مهرشي دروسا اشنان ڪري واپس موٽيو، هن پنهنجي تپوبل جي طاقت سان ڄاڻي ورتو ته مهاراج امبريش پارڻ ڪري چڪو آهي هو تمام ڪروڌ ڪرڻ لڳو ۽ غصي سان چيائين راجن ڀوڄن جي ليڪ ڏئي اسان کي بنا ڀوڄن ڪرائي تو پارڻ ڪيئن ڪيو ؟

مهراج امبريش هٿ جوڙي وينتي ڪئي - مهرشي توهان ڪروڌ نه ڪريو. پارڻ جو وقت گذري رهيو هو، انڪري براهمڻن جي صلاح سان مون ڀڳوان جي چرڻامرت سان ئي پارڻ ڪيو آهي ڀوڄن مون ڪونه کاڌو آهي. ڀلا توهان کي ڀوڄن ڪرائڻ کانسواءِ مان ڀوڄن ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ پرتهن هوندي به جي مون کان اپراڌ ٿي ويو هجي ته مون کي ڪرپا ڪري معاف ڪريو.

پر دروسا تي ان وينتيءَ جو ڪو به اثر نه ٿيو. هو اهڙي ئي اموٽي ڪروڌ سان ٻرٻل چوڻ لڳو. ڪيئن به هجي اسانکي ڀوڄن ڪرائڻ کانسواءِ پارڻ ڪري تو اسان جو تمام وڏو اپمان ڪيو آهي اسان هينئر ئي توکي اُن جو مزو ٿا چکايون.

مهرشي دروسا اها ڳالهه ٻڌي ويو نه ڄڏهن پنهنجي جٽون ٻالڪا جي واڳ ڏور ڀڳوان کي سونپي ڇڏي آهي، ڀڳوان پاڻ ان

ڀڳوان چيو، مهرشي اُن حالت ۾ ڪجهه اتو ڪري-سگهان-ٿا ڪاڻ تہ توهان منهنجو نہ پر پياري سچي ڀڳت امبريش جو اپراڌ ڪيو آهي، انڪري توهان اُن وٽ وڃو. اُهو ئي هن سدرشن چڪر کان توهانکي ڇوٽڪارو ڏياري سگهي ٿو.

ڀڳوان جو جواب ٻڌي درواسا مهاراج امبريش ڏي هلڻ لڳو- هوڏانهن مهاراج امبريش مَن ئي مَن ۾ ڏاڍو چنتا ۽ وياڪلتا ۾ هو ۽ هنکي اِن ڳالهہ جو ڏاڍو پڇتاءُ ٿي رهيو هو، تہ منهنجي ڪري مهرشي درواسا کي اهڙو ڪشٽ ٿي رهيو آهي. هُو مهرشي جي سک لاءِ ڀڳوان جي چرڻن ۾ رات ڏينهن پرارٿنا ڪرڻ لڳو.

جيئن ڀڳوان چيو هو، مهرشي سڌو مهاراج امبريش وٽ پهتو ۽ ڀڳت امبريش جي پيرن کي پڪڙڻ لاءِ جهڪيو. اهو ڏسي مهاراج امبريش هڪدم پٺتي هٽي ويو- هن چيو- مهرشي! هي توهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟ توهان برهمڻ آهيو، اِئين ڪري مون تي پاپ نہ چاڙهيو. توهان منهنجا پوڄنيہ آهيو.

تنهن کانپوءِ مهاراج امبريش سدرشن چڪر جي اُستتي ڪري اُنکي شانت ڪيو ۽ مهرشي درواسا کي ڪروڌ جي اگني کان بچايو- مهرشي درواسا چيو -اڄ مان ڀڳوان ۽ اُن جي ڀڳتن جي مهما پنهنجن اکين سان روبرو ڏٺي- راجن! جيتوڻيڪ مون توسان سٺو ونهوار ڪونہ ڪيو ۽ توکي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪيم، تنهن هوندي بہ توهان منهنجو ڪلياڻ ٿي چاهيو، توهان برابر سچا ڀڳت آهيو-

مهاراج امبريش کي اهو ٻڌي ڪري بہ ڪو اهنڪار نہ ٿيو- هن هٿ جوڙي تمام نمرتا سان مهرشي جي چرڻن ۾ ونتي ڪئي- منهنجي ڪري توهان کي اهڙو ڪشٽ ٿيو، اُن لاءِ مونکي ڏاڍو

ڏلو ڪوله . انهيءَ ڪري نه سڄي ڀراڻين ۾ ڀنهنجي اشتدلوجي
جوس ني ڏسڻ ۾ ايندي هئي . ڀوءِ ڀلا هوُ انڪان ڇو ڊڄي؟ جيڪڏهن
ڏاڍو اڄي ويڄهو ڀهتي ؛ سدرشن چڪر جو هٿڄي رکيا سنڀال
لاءِ مقرر ٿيل هو ، هڪدم چرخ ۾ آيو ؛ تيزيءَ سان ڏاڍو ڏاڍهن وڌيو-

هن ڀنهنجي تيج سان ڪن ڀل ۾ ني لن ڪرليا ڪي ڀسم ڪري
ڇڏيو- ڀوءِ چڪر دروا سا رشي ڏي وڌيو ، سدرشن چڪر ڪي ڀاڻ
ڏي وڌندو ڏسي دروا سا جو خون خشڪ ٿي ويو هو ڀراڻ بچائي
ڀڄڻ لڳو ، ڀر جبلن جي گفائن ۾ ، گهاٽي جهنگلن ۾ سمندر ۾ هوَ
هر جڳهه سدرشن چڪر کان بچڻ لاءِ ويو ، ڀر چڪر هن جو ڀيڇو نه
ڇڏيـــو هن لوڪ ڀالڪن اندر وغيره کـي نه بچائڻ لاءِ چيو . ڀر
سدرشن چڪر کان بچائڻ لاءِ انهن ڀنهنجي طاقت کان ٻاهر سمجهو
اندر وغيره جي جواب ڏيڻ کانپوءِ هوَ برهما وٽ ويو ، ڀر هن به
دروا سا کي خاطري ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو نه سدرشن چڪر
جي ڪروڌ کان بچائڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهـي - توهان شو
جيءَ جي شرڻ ۾ وڃو ، ٿي سگهـــي ٿو نه هوُ توهانجي ڪا مدد
ڪري سگهي .

” مرتا ڪيانه ڪرتا “ دروا سا ڪئلاش ڀروت وٽ پهتو
مدد لاءِ ڀرارٿنا ڪئي . شوجي نه ٻڌائي ويو ؛ ڇيائين تـه سدرشن
چڪر کان بچائڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي - انڪان نه توکي ڀڳوان
وشنو ئي بچائي سگهي ٿو ، توهان انجي شرڻ ۾ وڃو .

سڄي طرفن کان ڊاس ٿـي گهبرايل دروا سا وشڪت ڏا
ڏي ڀڳو . اُتي پهچڻ سان ئي ڀڳوان ، وشنو جي چرڻن ۾ ڪري
ڀيو ؛ چوڻ لڳو ، ڀڳوان ! سدرشن چڪر کان مونکـــي بچايو . ما
توهانجي ڀڳت جو ڀراڌ ڪيو آهي - انهيءَ لاءِ توهان کان معافي
ٿو وٺان .

آنند پشپ مالا

(شبدن جو ڪتاب)

(سنڌي ديوناگريءَ ۾)

گھڻن ڏينھن کان وٺي پريمي گرمکن جي گھر ھئي ته سنڌي ٻچن کي ديو ناگريءَ ۾ به ڇاپايو وڃي. جيئن ته اڄ زماني جا ٻار جيڪي فقط ھندي پڙھندا آھن، اھي به پڻ پڙھي سگھن ۽ ڳالھائي سگھن. سو انھن جي طلب کي ڏسندي ھولدي سنڌي شبد ديو ناگريءَ ۾ ڇاپيا ويا آھن. ھن ڪتاب ۾ سٽڪرن جي معنا ۽ پرارٿنا جا پڻ آھن.

دربار جي پريمين لاءِ ھي ھڪ عجيب ۽ عاليٰ سوکڙي آھي. پريمي ڀائرن ھن ڪتاب کي ٽپال رستي پڻ گھرائي سگھن ٿا. سفيد ڪاغذ، عمدا ڇپائي ۽ پڪي جلد ھوندي به قيمت فقط ٣-٠٠ (ٽي روپيا) آھي. ٽپال رستي گھرائڻ لاءِ فقط قيمت جو ٽي مني آرڊر ڪندا. ٽپال خرچ جي وي پي موڪلي ويندي.

ملڻ جو ھنڌ:- آنند سنديش ڪارياليه -
پوسٽ شري آنند پور ضلع گنا (M P)
PIN—473-338

دک آهي ، هاڻي هلو هلي ڀوڄن ڪريو .

هن تمام عزت ۽ شرڌا سان مهرشي کي ڀوڄن ڪرايو ، ڀوڄ پساڻ پرساد سمجهي ڀوڄن ڪيو . ان ڪانپوءِ هن ڏن ۽ ڪپڙا مهرشي ۽ هن جي ششن کي پيش ڪيا ۽ عزت سان موڪلايو .

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پٽ کي راڄ ڏئي بن ۾ هليو ويو ۽ پنهنجي باقي حياتي ڀڳوان جي سمرڻ - ڌيان ۾ لڳائي پنهنجو جنم سڦل ڪيو -

٦ - هن جو رخ ڇڏي ڌيري ، سنت پرش سڄان .
ٿي وڃي تو پوءِ جيو کي ، سنت اسنت جو گيان .
نام رتن هوءَ هردي وساءِ ، ڇڏي ٻوجـــھ اپار .

٧ - سک سڄي جي ڪارڻ آهي ، فقط نالو پرڀوءَ جو .
اي انسان ڪري وٺ تون ، سمرڻ ڏينهن رات .
لوڪ پرلوڪ ۾ نام پرڀوءَ جو جيو جو مددگـــار .

٨ - سنتن مها پرشن جي ، سکيا داس تون هردي ڌار -
ان تي عمل ڪرڻ سان ، پڪ ٿيندو روح جو سڌار -
آهين جي اڀلاشي سک جو ، پل پل نام سنڀار -

ڪويتا

١ - جيڪو جنم کان رهي ٿو، سک جو طلبگار.
ڪري ڪوشش سک پراپت جو، هوءَ تمام بيشمار.
پر ملي ٿورو اُن کي، ذرو بـ دنيا ۾ سک سار.

٢ - چاهي دل ۾ رهان سکي، جڳ ۾ جيون ڀر.
عزت مان ۽ ڌن دولت، سڀ کان هجي جهجهي.
اهائي سکيا ماءُ پيءُ کان ملي، ڏي سارو پريوار.

٣ - سکي پراپت جا رستا، گهڻئي هو لڳائي ٿو.
پر سک جي بدلي بس ۽ دک ئي هٿ ۾ لڳي ٿو.
ڇاڪاڻ ته غلط رستو من جو، سياڻا چون پڪار.

٤ - سچي سک جي ڏس، ڪي ملي ماتا کان سکيا.
عمل ڪيو اُن، حاصل ڪيو سک اپار.
هن جيون نالو پرڀوءَ جو، ڄاڻي ٿو سارو سنسار.

٥ - اهائي سکيا جيو ڪي، سنت پرشن کان ٿي ملي.
اُهن جي شرط ۾ اک، وڻڪ جيو جي ٿي ڪلي.
سچو سک آنند آهو پائي، دک کان ملي ڇوٽڪار.

سبب منش جي خيالن جو جهڪاءُ ۽ الڳ الڳ طرف ۽ شين ۾ هوندو آهي ۽ الڳ الڳ شين سان انجو پيار ٿيندو آهي. ڪنهن منش جي خيالن جو جهڪاءُ ستگرو ۽ ڀڳوان جي طرف آهي، اهو انهن جي چرڻن سان ۽ انجي سيوا ڀڳتي سان پيار ڪندو آهي. ڪنهن جو خيال ڌن جي طرف هوندو آهي ته انکي سنسار ۾ صرف ڌن پيارو هوندو آهي. اهڙي طرح ڪنهنجو پنهنجي پٽ سان پيار آهي ڪنهنکي پنهنجي زال سان ته ڪنهنجو ڪنهن سان ڪنهنجو ڪنهن سان. ستگرو ۽ ڀڳوان سان ڪيل پيار ڇاڪاڻ ته سچو سوارٿ ۽ آتما جي ڪلياڻ لاءِ آهي. انڪري ستگرو ۽ ڀڳوان سان ڪيل پيار کي مهاپرشن "پريم" جي نالي سان سڏيو آهي انجي ابتڙ سنسار جي پراڻي پدارٿ وغيره سان ڪيل پريم جوته، سوارٿ سان ڀريل ۽ آتما لاءِ نقصان ڪار، غلط رستي تي وٺي ويندو آهي، انڪري انهن سان ڪيل پيار کي "موهه" جو نالو ڏنو ويو آهي.

اها هڪ سچي ۽ مڃيل ڳالهه آهي ته منش جنهن به شئه سان پيار ڪري ته پنهنجي پياري شئه جو ڌيان من ۾ هروقت ٽڪيل رهندو آهي.

عام سنساري منش جو پيار يعني موهه ڌن، مال ملڪيت، ڪٽنب پريوار، وڏائي شهرت ۽ سنسار جو عهدو اقبال، انهن مان ڪنهن نه ڪنهن طرف هوندو آهي. انهن مان جنهن شئه سان پيار موهه چاهنا هوندي آهي ته انجو ڌيان هروقت من ۾ وسيل هوندو آهي. انجي ابتڙ هڪ گرمک ڀڳت جو پيار، پريم ستگرو ۽ پرماتما سان آهي ته ان جي من ۾ هروقت ان جو ڌيان يادگيري وسندي آهي.

ٻنهي پرڪارن جي منش يعني عام سنساري ۽ ڀڳتيوان گرمک

ست اپديش

هر هڪ جيو جي اندر پريم، پيار جي ڀاونا سڀاوڪ طرح موجود آهي. هر هڪ منش ڪنهن نه ڪنهن انسان يا پدارٿ (شئي) کي ضرور پنهنجي دل ڏئي ٿو ۽ انسان پيار ڪري ٿو. پريم پيار جي ڀاونا کان ڪوبه انسان خالي نه آهي. اها ڳالهه ٻي آهي ته پنهنجي دل جي تار ڪنهن سان لڳائي ٿو، ڪنهنکي پيار ڪري ٿو.

عام طرح انهن چيو ويندو آهي ته انسان خالي هٿ آيو ۽ خالي هٿ هن سنسار مان ويندو آهي. پر اهڙي ڳالهه نه آهي. منش جڏهن هن سنسار ۾ جنم وٺي ٿو ته اڳئين جنم جا سنسڪار پاڻ سان گڏ آڻي ٿو. هر هڪ جا سنسڪار الڳ الڳ هوندا آهن. هڪ ماڻهو جا سنسڪار ٻئي ماڻهو جي سنسڪارن سان ميل نه کائيندا آهن. سنسڪارن ۾ جدائي هئڻ جي سبب سڀني جي وچارن ۾ جدائي هئڻ (لازمي) ضروري آهي (" هر هڪ جا پنهنجا خيال ") اهو ئي سبب آهي جو هر هڪ انسان جا خيال الڳ الڳ ٿيندا آهن ۽ ان

ارٿ : موھ سڀني وڪارن جي پاڙ آھي ۽ انھن وڪارن مان وري ٻيءَ گھڻي ڪلپنا ۽ ڪليش وغيره پيدا ٿيندا آھن.

مھاپرش نه پنھنجي واڻي ۾ موھ جي نتيجن کي ٻيو وڌيڪ سمجھائيندي فرمايو آھي ته :-

ڏن سنپٽ مائيا سنچيئي انتي دکدائي -

(گرو واڻي)

ارٿ :- ڌن سمپتي ۽ مايا وي سامان ڪٺي ڪرڻ جو نتيجو تمام دک دائڪ ٿي ٿيندو آھي.

بھ سادھ دک پرابت ھووءِ .
ڀوگھ روگ س انت وگووءِ .

(گرو باڻي)

ارٿ :- وڌيڪ سوادن ۾ ڦاٿل ھجڻ سان ٻئي رسن ڀوڳن جو تمام گھڻو واھپي ڪرڻ سان دک پراپت ٿو ٿئي. عيش عشرت روڳن کي جنم ڏئي ٿو. اندرين رسن ۾ ڦاٿل جيو تمام دکي ۽ پريشان ٿو رھي،

دک ڪاوھ دک سنچھي ڀوگھي ،
دک کي برڌي وڌائي .

(گورو باڻي)

ارٿ :- سنساري انسان ڌن - سمپتي ۽ مايا جا سامان ۽ شرير اندرين جا ڀوڳ ڪٺي ڪرڻ لاءِ دک سھي ٿو. دکن کي ڪٺو ڪري ٿو ۽ دک ئي ڀوڳي ٿو ۽ انھي حالت ۾ دکن جو

۽ پنهنجي پنهنجي پياري شئہ جو هر وقت ڌيان ، يادگيري وغيره
ڪندا رهن ٿا . اُن جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ مانسڪ روپ ۾
پنهنجي پنهنجي پياري شئہ سان رشتو جڙيل رهي ٿو ؛ اهو اثر
من تي بہ اهڙو ئي پوي ٿو .

هر هڪ شئہ کي پنهنجو خاص گڻ هوندو آهي اُن سبب هر هڪ
شئہ جو پنهنجو اثر ٿيندو آهي - مثال طور پاڻيءَ ۾ ٿڌاڻ جو گڻ آهي
انڪري پاڻيءَ جي ويجهو وڃڻ سان ٿڌڪار جو اثر منش تي ضرور
پوندو يعني پاڻيءَ سان لڳاءُ ڪرڻ سان منش کي ٿڌڪار ضرور
ملندي - باهہ ۾ گرميءَ جو گڻ آهي ، انڪري اُنسان لڳاءُ ڪرڻ
سان گرمي محسوس ٿيڻ لازمي آهي -

ٺيڪ اهڙيءَ طرح ڌن مال ، ملڪيت مايا وي سامان ۽ شرير ،
اندرين جا ڀوڳ ، ڪٽنب پريوار وغيره انهن سڀني جو اثر
چنتا ، ڪلپنا ، اشانتي دک وغيره آهي ، انڪري اُنهن سان
ڪيل پيار موهہ جو نتيجو منش کي دک ، اشانتي ، ڪلپنا ، چنتا
وغيره جي پراپتي ٿي ٿئي . حالانڪ سنساري منش اُنهن کي دل
ان ڪري ٿو ڏئي تہ مونکي سک ۽ شانتي ملندي پر ٿئي اُبتو ٿو ؛
ائين ٿيڻ واجب بہ آهي ، ڇاڪاڻ جو انهن سڀني جو اثر اهو آهي تہ
اهو ئي منش جي سامهون ايندو جڏهن اُنهجو اثر ئي دک ، چنتا ،
اشانتي ۽ ڪليش وغيره آهي تہ پوءِ انهن سان موهہ ڪري سک
شانتي جي آشا رکڻ نہ صرف ڀل (چڪ) آهي پر اگيانتا آهي .
(ٻڪرن کان ٻير گهرڻ) جي برابر آهي - موهہ باهت شري رامچرت
مانس ۾ ورڻن آهي تہ .

❋ چوپائي ❋

موهہ سڪل وياڌن ڪر مولا ؛ تنهہ تي پن اُپجهين بهو سولا .
(اُتر ڪانڊ)

ارٿ :- پريتم سان پريت ڪرڻ سان منش کي سدائين سک ملندو آهي . پريتم سان پريت ڪرڻ واري کي ڪو به دک ڇهي نٿو سگهي .

پريو چت آوئي تا ڪتسي پيڙ .
هر سيوڪ ناهي جم پيڙ .
سب دک هر سمرت نسي .
جا ڪي سنگ سدا پريو بسئي .
(گرو باڻي)

ارٿ :- جيڪڏهن پرماتما اندر ۾ وسي وڃي ، ته پوءِ منش کي دک چنتا يا ڪلپنا ڇا جي ؟ دک ، چنتا وغيره ته انهي واجهو ۾ نٿي اچي سگهي . هريءَ جي سيوڪ کي جم دوت به ڪشٽ نٿا ڏئي سگهن . پرماتما کي ياد ڪرڻ سان سڀئي ٻڪارن جا دک ناس ٿي وڃن ، ڇاڪاڻ ته پرماتما انهن سان سدائين انگ سنگ آهي -

چرن ڪمل سنگ لاگي پريت -
بسر گئي سب درمت ريت .
من تن انتر هر هر منت .
نانڪ ڀڳتن ڪي گهر سدا آنند -

(گور باڻي)

ارٿ :- جڏهن انسان جي پريت ڀڳوان جي چرن ڪملن ۾ هوندي آهي ، انهي سڀ ڪوڙي مت دور ٿي ويندي آهي -

واڌارو ٿئي ٿو .

منمک سيوا جو ڪري دوجهه ڀاءِ چت لاءِ -
پت ڪلت ڪٽنب هئي مايا موهه وڌاءِ .
درگاهه ليکا منگيئي ڪوءِ انت نه سکي ڇڏاءِ .
بن ناوءِ سڀ دک هئه دکدائي موهه ماءِ .

(گورو باڻي)

ارٿ :- منمت ٿي هلڻ وارو منمک سنساري جيو پرميشور جي بدران ٻين شين ۾ چت لڳائي انهي سيوا ۾ مشغول رهي ٿو ۽ پت استري ۽ ڪٽنب پريوار سان موهه وڌائي ٿو . پر جڏهن ڌرمراج جي دربار ۾ حساب گهريو ويندو آهي ته هنکي ڪير به ڇڏائي نٿو سگهي . پرميشور جي نالي کانسواءِ سڀ دک ئي دک آهي ، سنسار جو موهه مايا سڀ دک روپ آهي .

اهو آهي سنسار جي ڌن پدارٿ ۽ ڪٽنب پروار سان دل لڳائڻ ۽ ان سان پيار ڪرڻ جو نتيجو . جنهنجو ڦل منش کي صرف دک ئي پراپت ٿو ڪرائي . انهي اٿڙ گورمک ، ڀڳتجن ستگرو ۽ پرماتما سان پريم ٿو ڪري ۽ انهجي سيوا ڀڳتي ۾ دل لڳائي ٿو . ستگورو يا پرماتما چاڪاڻ ته آنند ڏيندڙ ۽ سکن جا ڀنڊار آهن ، ان ڪري ان سان دل جو لڳاءُ ۽ سنبنڌ جوڙي رهڻ سان گرمک ڀڳت جي حياتي سدائين سک آنند ۽ شانتي سان ڀرپور رهي ٿي - ستپرش جون باڻيون ان ڳالهه جون پٺڀراڻيون ڪن ٿيون .

پرڀ ڪي پريت سدا سک هوءِ .
پرڀ ڪي پريت دک لڳئه نه ڪوءِ .
(گورو باڻي)

اهو ئي پدارٿ تــو هنگــي سري -

(شريمد ڀڳوت گيتا ۸ - ۲)

ارٿ :- هي ڪنتي پتر ارجن ، مون انت ڪال ۾ جنهن جنهن شئ جو سمرن ڪندي شرير ڇڏي ٿو ، انکي اهوئي حاصل ٿئي ٿو ، ڇاڪاڻ ته انجو سدائين ان سان پيار رهيو آهي -

انتڪال ۾ ڪنهن شئ سان ڌيان ٻڌائي رکڻ سان ، ڪهڙي جوڻي ملندي ؟ ان بابت ٿورو ظاهر ڪندي سنت ترلوچن جن جو چوڻ آهي ته :—

انت ڪال جو لڇمي سمري ، ائسي چنتا مهه جي مري
سرپ جون ول ول اوتري - ۱
اري بائي گوبند نام مت بيسري - رهاءُ -
انت ڪال جو استري سمري ، ائسي چنتا مهه جي مري
بيسوا جون ول ول اوتري - ۲ -
انت ڪال جو لڙڪي سمري ائسي چنتا مهه جي مري .
سوڪر جون ول ول اؤتري - ۳
انت ڪال جو مندر سمري ، ائسي چنتا مهه جي مري
پريت جون ول ول اؤتري . ۴

(گرو باڻي)

ارٿ :- جيڪو انسان انت سمي ڌن مال ملڪيت کي ياد ڪري ٿو ۽ انهنکي ياد ڪندي شرير ڇڏي ٿو . ان ماڻهوءَ کي وري وري نانگ جي جوڻ ۾ وڃڻو پوي ٿو . انکري اي ڀائي پرماتما جو نالو ڪڏهن به نه وسار ته جيئن انت سمي پرماتما جو ڌيان سمرن ٿيو رهي - جيڪو انسان ڇڏڻ جي وقت استريءَ کي ياد ٿو ڪري ۽ انجي يادگيري ڪندي شرير ڇڏي ٿو ، انکي وري وري

جڏهن جي ان من ۾ ٻئي روم روم ۾ پرماتما جو نالو وسي ٿو وڃي شري گرونانڪ ديو جن جو چوڻ آهي ته اهڙن ڀڳتن جي گهر سدائين آنند ڀٽيو رهي ٿو .

اهڙو فرق آهي موهه ۽ پريم ۾ ، يعني ڌن سمپتي ، ڪٽنب ، پريوار ۽ سنساري پدارٿن ۾ چت سان ناتا جوڙڻ ۾ ۽ پرماتما جي چرن ڪملن سان پريت جوڙڻ ، ان جي يادگيري ، ڌيان ڀڄن ڪرڻ ۾ . ڪٽنب پريوار ۽ ڌن مال ملڪيت ۽ ماياوي سامانن ۾ گهرو تعلقات رکڻ ۽ موهه لڳائڻ سان انسان کي سدائين دک ، چنتا ، ڪلپنا ۽ اشانتي ئي حاصل ٿي ٿئي . جڏهن ته پرماتما سان پريم ڪرڻ ۽ ان جو چنتن ڌيان ڪرڻ سان سک . شانتي ۽ آنند پراپت ٿو ٿئي ۽ سڀني پرڪارن جا آڌي ، وياڌي ، اپاڌي جـي دکن کان ڇوٽڪارو ٿو ملي .

هڪ ٻي ڳالهه ٿي به هت ويچار ڪرڻ ضروري آهي . اها هيءَ ته منش جڏهن شئه سان چت لڳائي ٿو . پيار ڪري ٿو ۽ جڏهن جو ڌيان يادگيري ڪري ٿو . ان جو اثر صرف هن جنم تائين ڪونه ٿو رهي . پر ايندڙ جنمن تي به اثر پوي ٿو ، ڇو ته ان شئه سان سرت جو گهرو پيار هئڻ سبب انت سمي ۾ به سرت جو گهرو تعلقات لڳو رهي ٿو . انت سمي ۾ سرت جڏهن شئه ۾ اٽڪيل هوندي ان موجب انکي اڳلو جنم ملندو . ڀڳوان شري ڪرشن چندر جي مهاراج ڀڳت ارجن کي چوي ٿو ته :—

جڏهين جيو آهي ڇڏڻ تي سرير .
رکي جڏهن به شئه جي ٿو اُن دم اکير .
انهيءَ شئه ۾ واسو وڃي ٿو ڪري .

سهڄو چئوڻي پد بسئه، گاوت ويد پراڻ ۔
پرميشر کي باسنا، انت سمي من ماهين ۔
تن چونئه هر کون ملئه، اپڄئه بنسئه ناهين ۔

ڀڳوان شري ڪرشنچندر مهاراج ڀڳت ارجن جي لاءِ ڪٿن ٿو ڪري ته:- جو انسان جڳت ۾ جنم ٿو ڌري ۔

مرڻ ويل ساريندي مونکي مري ۔
نه شڪ آهي ان ۾ نه آهي وڌاءُ ۔
مري ٿو ملي مون سان پائي بقاءُ ۔
(شريمد ڀڳوت گيتا ۸ ـ ۵)

ارٿ:- جو پرش انت ڪال ۾ مونهنجو ئي سمرڻ ڪندي شرير ڇڏي ٿو، اهو مونهنجو ساڪيات سوروپ کي پائي ٿو اُن ۾ ذرو به شڪ نه آهي ۔

اِترو ڀونڌو فرق آهي ستگورو ڀڳوان جي چرڻ ڪملن سان پريم ڪرڻ ۾ ۽ ڪٽنب پريوار، تن، سمپدا ۽ مايا جي سامانن سان موهه وڌائڻ ۾ هاڻي ماڻهو پاڻئي وچار ڪري ته ڪهڙي ڪهڙي سان پيار ڪرڻ کپي ۽ ڪهڙن سان پنهنجي چت کي جوڙڻ کپي مهاپرشن جي باڻين مان ته اهو صاف صاف ثابت ٿئي ٿو ته منش کي واقعي ستگورو ۽ پرماتما سان دل جي لڳاءُ کي جوڙي رکڻ کپي ۽ انهنجي چرن ڪملن سان پورو پريم پريتي رکڻي ته جيئن انت سمي به هن کي ان سان ڌيان جڙيل (ڳنڍيل) رهي . ستگورو ۽ پرماتما جي چرن ڪملن سان پريم ڪرڻ ۽ ان جو ڌيان سمرن ڪرڻ سان هن جو هيءُ جيون به سک، شانتي ۽ آنند سان گذرندو ۽ انت سمي به اهو ئي ياد ۽ ڌيان ٽڪيو رهڻ سان پرلوڪ به سڌري ويندو ۔

واسنا جي روپ ۾ جنم وٺڻو ٿو پوي . جو ماڻهو انت سمي پٽ سنتان کي ياد ڪري ٿو ۽ اُنهي يادگيري ڪندي مري ٿو ، اهو وري وري سوئر جي جُوڻ ۾ وڃي ٿو . جنهن انسان کي مرندي مڪان ، جائداد وغيره کي ياد ٿو ڪري ۽ اُنهڪري ياد ڪندي شرير ڇڏائي ٿو ته اُنکي وري پريت جي جوڻ ۾ وڃڻو ٿو پوي.

انهيءَ باري ۾ سنت سهجو بائيءَ جو چوڻ آهي ته :—

سهجو رهئه من باسنا ، تنهنسي پاوهه ٺؤر .
جهان آس تنهن باس هئه ، نسچيه ڪري ڪروڙ .
ديهه ڇوٽيئه من ۾ رهئي ، سهجو جنهسي آس .
ديهه جنم جنهسو ملئه ، جنهسي هي گهر باس .

چوپائي

جاڪي آس رهئه مندر ۾ ، هو ڪر گهولس بسئه سو گهر ۾ .
رهئه باسنا درپڻ منجهارا ، جنمئه ناگ هوئه پن ڪارا .
رهئه باسنا ترپا ماهين ، ڪوٽي سوان ڌرءِ تن آهين .
رهئه باسنا پرشا پرڪي ، ڪتيا هوئه چوهڙي گهر ڪي .
جاڪئه رهي پتر ۾ آسا ، سوئر جنم ليچ گهر باسا -
جا ڪا من رهئه راج دواري ، هستي هو سر مٿلي چاري -
رهئه باسنا نير پياسي ، مين ديهه ڌر جل کي باسي .
رهئه باسنا باهن سنگا ، هوئي جنم ليهه باهن انگا .
جهان باسنا جب هي جاءِ ، تهه مت ليد پران گنائي -

اِنجي اُپٽ جو پرماتما ستگورو ءَ جي چرن ڪملن سان پريم - پريت جو سمبنڌ جوڙي رکن ٿا ۽ سدائين اُنهجو ڌيان سمرن ڪندا آهن اُنهجي باري ۾ سنت سهجو بائي جن چيو آهي ته :—

جان کي گورو ۾ باسنا ، سو پاوه پڳوان .

بلي شاهه هن کان پڇيو ڀڳوان کي ڪهڙي ريت پائي سگهجي ٿو؟
سنت عنايت شاهه ڪلنڊي چيو " بليا رب دا ڪي پاونا اڌرون
پٽنا تو اوڌر لاونا " مطلب هي بلي ! ڀڳوان کي حاصل ڪرڻ
ڪهڙي مشڪل ڳالهه آهي ؟ بس هن لاءِ ايترو ئي ڪرڻو آهي ته
اڌر سي (سنسار سي) چت کي ڪڍي اور اڌر (ڀڳوان ۾)
لڳانا هئه (لڳائڻو آهي)

سنت عنايت شاهه جا اهي وچن بلي شاهه جي دل ۾ پڪا ٿي ويا ۽ انهيءَ وقت سنت عنايت شاهه کي پنهنجو گرو ڪري اُن کان دڪشا ورتي. سنت عنايت شاهه جيتوڻيڪ جاتي جو آرائين هو، پر هو وڏي پدويءَ جو سنت هو. ڀڳتي ڪنهن جي موروثي جائداد نه آهي ڪا نه، نڪو اِئين آهي ته هيءَ فقط اوچي ڪل (خاندان ۾ پيدا ٿيڻ) کي ملندي آهي ڀڳتيءَ بابت ته سنت پرشن نه چٽيءَ طرح صاف چيو آهي -

دوها

ڀڳتي گينڊ چوڳان ڪي، ڀاوءِ ڪوءِ لئه جاءِ.
ڪهه ڪبير ڪڇ ڀيد نهين، ڪها رنڪ ڪها راءِ.
(پرم سنت شري ڪبير صاحب)

سنت عنايت شاهه ۾ ڀڳتي پرمارٿ جون سڀ منزلون پار ڪري اوچي استان کي حاصل ڪري چڪو هو. بلي شاهه جي دل ۾ پنهنجي گرديو لاءِ تمام گهڻي شرڌا ۽ وشواس هو. هو هن جي هر هڪ آگيا جي دل و جان هت چت سان پالنا ڪندو هو ۽ ان جي سيوا ۾ پنهنجي خوش قسمتي سمجهندو هو. پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هو ديپدا (ڀيٽائي) ۾ ڦاسي پيو. ٿيو ائين جو هن جا سڀ مٽ مائٽ، يار دوست سڀ اُن ڳالهه کي لڳا ۽ ڏورايا ڏيڻ لڳا سيد جهڙي وڏي خاندان جو ٿي، هڪ ڇوٽي ذات جو ارائين کي گرو

دبدا

هر هڪ مڻش جي حياتيءَ ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن اهڙي حالت ضرور اچي ٿي جو هوءُ دبدا (يا ڇتائي) ۾ ڦاسي وڃي ٿو ؛ هوءُ ٻن جدا جدا ڳالهين مان ڪنهن هڪ پڪائي ڳالهه تي پڪو ويچار ڪري سگهي . دبدا جو مطلب آهي پڪ ڪرڻ جي گهٽتائي دبدا جي اهڙي حالت ۾ جڏهن مڻش پنهنجي لاءِ فيصلي ڪرڻ ۾ سمرٿ نه هوندو آهي . ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو ڪنهن ٻئي ماڻهو جي طرفان چئي ويل رواجي ڳالهه پڻ اُن ماڻهو کي به ڇتائي دبدا جي چڪر مان نڪرڻ ۽ صحيح فيصلي ڪرڻ ۾ مدد ملي ويندي آهي . اهڙا گهڻئي مثال اتهاس ۾ پيا پيا آهن . هت هڪ سنت بلي شاهه جي حياتيءَ جي هڪ گهٽنا جو بيان ڪجي ٿو .

سنت بلي شاهه پنجاب پرانت جو هڪ مشهور سنت ٿي گذريو آهي هو سيد ڪل مان هو جا مسلمانن ۾ هڪ اوچي (وڏي) جاتي مڃي وڃي ٿي . هنکي جڏهن ڀڳتي جي لگن لڳي ته هنکي پورڻ گورو جي تلاش (ڳولها) هئي . ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هنکي معلوم ٿيو ته سنت عنايت شاهه هڪ تمام وڏي پدوي جو سنت آهي

ته هو اُنجي شرن ۾ ويو جنهن وقت هو هن جي شرڻ ۾ ويو . سنت عنايت شاهه جاتي جو آرائين هو ، باغ ۾ ڪم ڪري رهيو . هو هڪ جڳهه تان ٻوٽو پٽي ٻي جڳهه تي لڳائي رهيو هو .

(ٻڌائي) جي چڪر ڪان ٻاهر ڪيئو . پنگيالٽي ۾ جي چوڻ جو
مطلب ته اهو هو ته سائين جي توهانجا ڪوڙا ڪئي مٿي ۾ سان
هراب ته ٿي ٻون ، انڪري رستي جي هڪ پاسي ٿي وڃو ، پر
ٻلي شاهه انهن سمجهو ته پنگيالٽي اُنکي انهن چئي رهي آهي ته
هڪ طرف ٿي وڃو يا سنسار جي طرف يا گروه جي طرف . جي
ڪڏهن سنسار جي طرف مٿر ، سنبنڌي مت مائٽن جي ڪوڙي
پيار جي خواهش آهي ته سنسار جو ٿي وڃ ۽ جي پڳتي پرمارت
جي ابللشا (چاهه) آهي ته پوءِ گوروءَ جو ٿڻجي وڃ - هن ويچار
ڪيو ته ڪئي گورو ديو جي سنگت ۾ سيوا ، سک شانتي مڪتي
جو ساڌن ۾ ڪئي سنسار جي موهه ممتا ، دک اشانتي ۾ ٻنڌن جو
ڪارڻ. انڪري ڪڏهن به قيمت ٿي گور ديو جي پوتر صحبت کي
ڇڏي نه سگهجي :

هوُ پنگيالٽي ۾ جي طرف ويو هنکي گهڻي ۾ عزت سان نمسڪار
ڪندي چيو - ماتا ، توهان جا وڏا وڏا شڪرانا ، جو تـه توهان
مونکي ديدا جــي چڪر مان ڪڍي ڇڏيو - مان توهانجو اُپڪار
حياتيءَ تائين نه وساريندس .

انهن چئي هو وڏي همت ۾ پختائيءَ سان گرو ديو جي ڪٽيا
طرف وڃڻ لڳو . هن مترن ، سنبنڌين ۾ اوڇي ڪل کي هميشه
هميشه لاءِ ٽياڳـ ڪري ڇڏيو . گرديو جي راضپي کي حاصل
ڪرڻ لاءِ هن تن - من پران جي بازي لڳائي ڇڏي . ۽ آخر ۾ پڳتيءَ
جي سچي دات پراپت ڪري هن پنهنجو جيون سڦل ڪيو ۽
سنسار ۾ پنهنجو نالو امر ڪري ڇڏيو .

ڪيو اٿئي ؟ ۽ اهي سيوا خدمت نه ڪرڻ، انهن ڪري نه تو پنهنجي خاندان جي سچي عزت مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي اگر تون ڪي گرو ڪرڻو ٿي هو نه ڪنهن اوچي خاندان واري کي گرو ڪرڻ ها .

ٻلي شاهه کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو، ڇاڪاڻ ته هو پرمارٿ جي نظر رکندو هو ۽ گروءَ جي وڏائي ۽ مهما کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو. هو ان ڳالهه کي به چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو ته ڀڳتي پرمارٿ جي رستي ۾ ذات پات، اوچ نيچ جو ڪوبه سوال نه آهي ۽ منهنجو گرو ارائين ذات جو هوندي به هو هڪ اوچ ڪرڻي (وڏو ڀڳت) جو سنت آهي. تڏهن به پنهنجي مٽ مائٽن، يار دوستن جو کلي ڪري مقابلو ڪرڻ جي همت ڪانه هئس هڪ طرف پنهنجي گرو جي سنگت ۽ سيوا جو تمام گهڻو فائدو هو. جنهنکي هو ڪنهن به قيمت تي ڇڏڻ نٿي چاهيو. ٻئي طرف ذات جي اوچائي ۽ مائٽن جي ڏوراپن جو سوال هو. جيڪو تير وانگر هن جي دل تي لڳندو هو - ٻلي شاهه ڪري نه ڇا ڪري هو وڏي دٻدا (پريشاني) ۾ ڦاسي پيو - پيو ڪو چارو نه ڏسي رشتيدارن جي ڏوراپن کان بچڻ لاءِ هو چوري ڇپي (لڪي) گرو ديو وٽ وڃڻ لڳو -

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي. ٻلي شاهه گرو درشن جي چڪ سبب سويل پرڀات جو (ڏوري اولڙهه وقت) پنهنجي گهران نڪتو ۽ تمام قيمتي، صاف ڪپڙا پاتل رکيا هئا. سڀوڳ سان هڪ ڀنگياڻي رستي کي صاف ڪري رهي هئي ۽ ٻهاري ڏيڻ سبب مٽي اڏامي رهي هئي - ٻلي شاهه پنهنجن ئي ويچارن ۾ جي مشغولي ۾ وڃڻ رهيو هو ته اتري ۾ ڀنگياڻي ٻري ڪان ٿي هو کي سڃاڻي آواز ڪيو - سائين جي هڪ طرف ٿي وڃو .

ٻلي شاهه ڇرڪ ماري اٿيو، ان هڪ اکر ڇڻ ۾ هندڪي ڌڪ

شري امر ٻاڻي

(مايا ۽ ڀڳتي)

هن سنسار جي اُتپتي ايشور پرماتما جي رچنا آهي ، هيءَ سڄي سرشٽي پرماتما جي ڦهيل آهي ، پر ايشور جي رچنا هوندي ب ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هڪ ماڻهو دکي آهي ته ٻيو ماڻهو سکي آهي سوال اٿي ٿو ته جڏهن هيءَ ساري رچنا ايشور جي آهي ، هيءَ ساري سرشٽي پرماتما جي ئي طرفان ڦهيل آهي ، ته پوءِ ائين ڇو آهي ته هڪ ماڻهو سکي آهي ٻيو دکي؟ ائين ٿيڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ سنسار جو هر هڪ پراڻي سکي ڇو نه آهي؟ اُنجو سبب اِهو آهي ته جڏهن ايشور سنسار جي رچنا ڪئي ته هن ٻه هڪ ٻي برخلاف شڪتيون به ساڻ ساڻ ۾ پيدا ڪيون . هڪ ڀڳتي ته ٻي مايا . اِهي ٻه پهلو ٿيا . اهڙيءَ طرح ڀڳتي ۽ مايا جا ٻه ٻه پهلو آهن . جيڪي انسان ڀڳتيءَ کي چاهيندڙ آهن ، هنجي هردي ۾ ڀڳوان لاءِ پريم آهي ، جيڪي ڀڳتيءَ کي چاهن ٿا . اُهي سولائي سان سک کي پراپت ڪري ٿا وٺن . چاڪاڻ ته ڀڳتيءَ جو اثر ئي سکدائي آهي يعني سک ۽ آنند ڏيڻ وارو آهي . اُنجي ابتڙ جيڪي مايا کي چاهيندڙ آهن اُنهجي دل ۾ هر وقت مايا ۽ مايا جي سامان کي حاصل ڪرڻ جي خواهش لڳن اندر ۾ رهندي آهي . مايا کي چاهڻ وارا ، اِهي ماڻهو سدائين دکي ۽ اشانت رهن ٿا چاڪاڻ ته مايا جو اثر ئي دک ۽ اشانتي پيدا ڪرڻ وارا آهن .

ڀڄن

(ڌهما)

طرز :- جهان ڏال ڏال پر ....

ٽيڪ :- آئي هئن جڳ پر مها پرش ، ڌرتي هوئي جيو ترائي .
ڀو ساگر پار لگائي .

١ - جنمون سي ڀٽڪي روحون کو . مالڪ کي سنگ ملائي هئن .
ڪشٽ اپني تن پي اٺا ڪر کي - جيون کي ڪشٽ مٽائي هئن .
ورشا ڪرتي هئن ڀڳتي کي . همين شيتل شانت بنائي .

٢ - ڀڳتي کيا هئ ، مايا هئ کيا - سب کول همين بتلائي هئن .
کس ڪارڻ جيو يهان آيا . يه راز همين سمجهائي هئن .
ڌرتي سندر اُپديش . همين ڀڳتي کا پٿ درسائي .

٣ - هوتا هئ اُنکا ڏيپ کهول . جيون کو سدا چمڪانا -
گهر گهر دي نام کا سنديشا . گرو گيان کا ديپ جلانا .
ڀڳتي سيوا اور نام کي . آئي سچي دات لٽائي .

٤ - اُنکي قسمت کا کيا کهنا . جو شرڻ پر اُنکي آجائي .
کر کي شري چرڻون کي سيوا . ڀڳتي کا سانچا ڌن پائي .
هئ " داس داس " کو شرڻ ليا . اُسکي قسمت کو جگائي .

خداوند " يعني ، جيڪي ٻرک ٻرک جي نظر رکڻ وارا انسان آهن ، جنهن جي گيان جي اک کليل آهي ، اهي سدا قائم ۽ سچي شيءِ جي چاهنا ڪن ٿا پر اهي گيان جون اکيون ڪٿان کڻنديون ؟ اهي گيان جون اکيون ست پرش جي سنگت ۾ انهي جي اپديش کي دل ۾ ڌارڻ ڪرڻ سان کلنديون .

انجي ابتڙ " خدا خواهند جا طالبا " يعني جيڪي اگياني ، نا سمجهه انسان آهن ، جن کي ست پرش جي سنگت نه ملي آهي جي مايا ۾ قائل آهن ؛ اهي خدا ۽ ناسوان شين کي ئي چاهين ٿا ۽ مايا کي ئي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا .

عام سنساري انسان ڇو دکي آهي ۽ ڀڳت جن ڇو سکي آهن ؟ جڏهن ٻئي هن سنسار ۾ رهن ٿا جنهنجي رچنا ايشور ڪئي آهي انجو سبب اهو آهي ته عام سنساري انسان مايا جي سامان کي چاهيندا رهن ٿا . جنجو اثر ئي دک ، اشانتـــي پيدا ڪرڻ وارو آهي اهي مايا جا سامان به چاهين ۽ سک به چاهين ته اهو ڪيئن ممڪن ٿيندو ؟ انهنکي ته هر حالت ۾ دک ئي پراپت ٿيندو .

ان جي ابتڙ ڀڳت ماڻهو سدا ڀڳتي جي چاهنا رکن ٿا جا ڪيترا ئي سک ، آنند ڏيڻ واري آهي ، جا سچي سکن جي کاڻ آهي انڪري اهي سدائين سکي رهن ٿا . دک انهنجي ويجهو بـــ نه ٿو اچي سگهي .

گرمک جن پاڻ ئي دل ۾ ويچار ڪري ته سنسار ۾ اهڙو ڪهڙو ماڻهو آهي جو دک چاهيندو هجي ؟ ڪير به نـــ ، سڀ سک چاهين ٿا . پر سک جي چاهنا رکندي به دکي رهندا آهن . انجو سبب اهو آهي ته مايا جي سامانن جي چاهنا دل ۾ وسائي رکن ٿا انکي پراپت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهن ٿا .

جيڪڏهن ڪو پياسو انسان پاڻي پاڻي چوندو رهي ته انئين ڪرڻ سان انجي پياس نه ڪاله ختم ٿيندي . پياس (اُڄ) نـــ

هيءُ سنسار ٻه طرفو آهي ۽ هن جي اندر ٻئي پهلو سدائين موجود آهن، اهو قدرت جو نيم آهي. اهو جهڙو لون وڏان آهي سنسار ۾ سڀ جا سڀ ڀڳت ٻُڏجي وڃن، انهن ۾ ئي آهي ته سڀ جا سڀ مايا ڌاري ٻُڏجي وڃن. اگر سنسار ۾ ڀڳتيءَ کي چاهڻ وارا ماڻهو به موجود آهن. ته مايا کي چاهڻ وارا به موجود آهن. جيئن سنسار ۾ ٻن ڀاڙن جي رچنا ايشور ڪئي تيئن ٻن قسمن جا ماڻهو به موجود آهن:- سنتن جا وچن آهن ته.

شعر

هما چيزي بقا فاني منحصر اند بدرگاهش.

چشم بينا بقا خواهند فنا خواهند جاهلها.

ارٿ:- پرماتما جي طرفان ٺاهيل هن درگاهه ۾ يعني انهن ڇهو وچي ته هن سنسار ۾ قائم ۽ فنا ٻنهي پرڪارن جون شيون موجود آهن. جيڪي پرک واري نظر رکن ٿا. يعني جيڪي گيانوان آهن اهي ته قائم وارين شين کي چاهن ٿا، جڏهن اگياني ۽ بي سمجهه انسان فنا ٿيندڙ شين کي چاهين ٿا.

ايشور سنسار ۾ ٻنهي پرڪارن جون شيون پيدا ڪيون. قائم به فنا به، سدا رهڻ واري سچي شئه ايشور جي ڀڳتي ايشور جو نالو ۽ فنا ٿيڻ واري جوٽيون شيون مايا ۽ مايا جا سامان به.

مايا ڪهڙي شئه آهي؟ سنسار ۾ جيڪا به موجود رچنا آهي جيڪي به ڏسڻ وارئون شيون آهن. اهي سڀ مايا جي دائري اندر آهن ۽ انهن سڀني کي مايا ٿي سمجهڻ کپي. مايا جي انهن شين جي چاهنا دل ۾ رکڻ، انهن شين جي گهر ڪرڻ ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن پريشان ٿيڻ، سمجهو خود ٿي دک، اشانتي ۽ پريشاني حاصل ڪرڻ آهي. انڪري "چشم بينا بقا

۽ پاڻي ڪٽڻو پوندو پوءِ هٿ کي ڇهڻ (مک) وٽ آڻي پاڻي پيئڻو پوندو آهي ، ائين وڃڻ هڻ جي پياس (اُڃ) ختم ٿيندي آهي . اهڙيءَ ريت جيڪي گرمک ڀڳتي جي پياس يا اڃا چاهنا وغيره ڪٽي ست پرشن جي وٽجهو اچن ٿا اُنهنکي نہ ست پرشن جي سنگت ۽ اچي اُنهنجي آگيا موج موجب ڀڳتي جي نيمن جي پالنا ڪرڻي پوندي آهي . اُهي نيم ڪهڙا آهن ؟ اُهي نيم آهن :-

پهرين اڀياس ، سمرڻ ، ڌيان ، ستسنگ ۽ نشڪام سيوا اُهن نيمن کي ڪرڻ سان هردي ۾ ڀڳتي جا وڇار داخل ٿيندا وڃن ٿا ۽ مايا جا خيال پري ٿيندا ٿا وڃن. مايا جو ڪچ وڇار نہ ست پرشن جي نزديڪ اچڻ سان ختم ٿي ٿا وڃن ۽ باقي ڀڳتي جي نيمن جي پالنا ڪرڻ سان سماپت ٿي ٿا وڃن . جيڪڏهن انسان شرڌا ۽ وشواس سان اُهن نيمن جي پالنا ڪري تہ يڪ ٿي پڪ هنجي هردي ۾ ڀڳتيءَ جو نواس ٿــي ويندو ، ستگوروءَ جو شبد هردي ۾ وسي ويندو ، ڪام ڪروڌ ، لوڀ موهہ ، اهنڪار وغيره وڪار دور ٿي ويندا جنهن سان هردو پوتر ۽ نرمل ٿــي ويندو ، اُنجو نتيجو اهو ٿيندو - جو منش پنهنجو پاڻکي سڃاڻــي سگهندو . پنهنجو پاڻکي ڏسڻ ڇا آهي ؟ ڇا شرير کي ڏسڻ پنهنجو پاڻکي ڏسڻ آهي ؟ نہ ، بلڪل نہ . پنهنجو پاڻکي ڏسڻ جو مطلب اهو آهي پنهنجي آتما کي ڏسڻ ، پنهنجي آتما جو درشن ڪرڻ-

جهڙيءَ طرح شرير کي باهر جي درشني (آرسي) سان ڏسي سگهجو آهي سو بہ ائين جڏهن آرسي (شيشو) صاف ۽ نرمل هوندو آهي اگر شيشي تي مٽي چڙهي پئي هوندي تہ شرير نظر نہ ايندو اهڙيءَ طرح جيئن ستگوروءَ جو شبد ۽ ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان هردي مـــان وڪارن جي ميل لهي ويندي ۽ هردي روپي شيشو شڌ ، پوتر ، نرمل ٿي ويندو تہ اُن شيشي ۾ آتما پرماتما جو درشن ٿيندو ساڪشاتڪار ٿيندو هم جنس جو هم جنس سان ميل ٿيندو آهي . جڏهن آتما صاف

اُڃ لهڻ ختم ٿيندي جڏهن پاڻيءَ جي ولجهو، کوهه، تلاءُ، نديءَ وغيره وٽ وڃون ۽ پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ڪندو ٺيڪ اهڙيءَ طرح صرف سک سک چوڻ سان نه سک حاصل ٿيندو سک جي پراپتي نه منش کي تڏهن ٿيندي جڏهن هو سک کي حاصل ڪرڻ وارا ڪرم ڪندو، جڏهين هو پرماتما جي ڀڳتيءَ کي دل ۾ وسائيندو، انهن ڪرڻ کانسواءِ سک جي پراپتي ڪڏهين به ممڪن نه آهي .

هاڻي سوال اٿي ٿو ته سچو سک ڏيڻ واري ڀڳتي ڪٿان ملندي؟ ڇا اها سنسار ۾ ملندي يا سنسار جي ڪنهن دڪان ۽ بازار مان ملندي؟ نه ڀڳتيءَ جي هيءَ دات سنت پرشن جي درٻار مان ملندي اُن ڪري جيڪي ڀڳتيءَ کي چاهڻ وارا پڪي ارادي وارا هوندا آهن، جن جا ڪيترن ئي جنمن جا ٻيج سنسڪار هوندا آهن ته انهن جي اها مضبوط خواهش ۽ ٻيج سنسڪار انهي کي مها پرشن جي درٻار ۾ پهچائي ڇڏين ٿا -

گرمک، پاڻ ئي اندازو لڳائين ته انهن کي جو سنت پرشن جي سنگت جو شڀ موقع مليو آهي، اهو ڪيئن ممڪن ٿيو؟ اُن ڪري جو گرمکن جا ڪيترن جنمن جا ٻيج سنسڪار هئا، انهن جي دل ۾ ڀڳتيءَ جي لگن ۽ گهر هئي، انهن جي اندر ڀڳتيءَ لاءِ پياس هئي ۽ جن شين ڪري انهن کي سنت پرشن جي سنگت ۾ اچڻ لاءِ مجبور ڪيو . هاڻي جڏهين پاڻ سان اهڙو سونهري ۽ دلربا موقع مليو آهي ته پوءِ گرمکن جو ڪهڙو فرض ٿي ٿو وڃي ؟

جڏهن هڪ پياسو ماڻهو پاڻي جي ڳولها ڪندي ڪندي نديءَ وٽ پهچي وڃي ٿو، نه فقط نديءَ وٽ پهچڻ سان ئي هن جي اُڃ ختم نه ٿي ويندي، هنکي پاڻيءَ جي ولجهو وجهڻو پوندو . جهڪي ڪري هٿ اڳيان وڌائڻو پوندو . (هٿ)

کي اندر جي چاهہ هئڻ کپي، لڳن ۽ پياس هئڻ کپي. جيتري انکي اندر ۾ زبردست چاهہ هوندي، لڳن هوندي ۽ چِڪ هوندي ته اوترئي وقت ۾ هو پنهنجي لکش (مقصد کي حاصل ڪري سگهي ٿو. چاهي ته پنهنجي مقصد کي ٿوري وقت ۾ حاصل ڪري، چاهي ته وڌيڪ وقت ۾. اهو گرمک تي پنهنجو ڀاڻ تي ڇڏيل آهي - جيتري ان جي اندر شرڌا هوندي، جيتري لڳن چاهہ ۽ اُتساهہ هوندو، اوترو جلد ئي اهو پرماتما کي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ سکي .وپ ٿي سگهي ٿو.

ان ڪري مها پرش جي ٻڌايل نيمن کي شرڌا لڳن وشواس سان عمل ڪندي هوندي گورمک انسان پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري وٺن ٿا، ۽ پرماتما کي حاصل ڪري جيون ۾ سک آنند ۽ خوشيءَ سان گذارين ٿا ۽ پنهنجو پرلوڪ ۾ ٺاهين ٿا.

سماپت

ٻوڌ ۽ نرمل ٿي ويندي آهي ته اُن آتما جو پرم ٻوڌ ، نروڪار پرماتما سان ميل ٿي ويندو آهي -

پرماتما ته سنسار ۾ ٻئي شيون ڏاهيون آهن - پرڪرتي به ۽ مايا به ، هاڻي منش تي ڇڏيل آهي ته اُهن ٻنهي شين مان جيڪا وڻيس سا ڪٽي - پر اِها ڳالهه آهي ته ٻنهي مان ڪنهن به هڪ کي پائي سگهي ٿو - ۽ هڪ جا ئي دل ۾ وچار، پيدا ڪري جڳهه ڏئي سگهي ٿو . جيڪڏهن انسان مايا جي وچارن جو تياڳ ڪندو ته سچاوڪ پرڪرتيءَ جا وچار دل ۾ پيدا ٿيندا ۽ اُن پرڪرتيءَ جي پرتاپ (طاقت) سان آتما جو پرماتما سان ميلاپ (گڏجاڻي) ٿي ويندو (جيڪا جنم . جنم کان الڳ هئي) جنهن جي پراپتي ڪرڻ انسان جو پرم لڪش ڏيهه آهي .

جڏهن پرڪرتيءَ جي پرتاپ سان آتما پنهنجي اصلي پرماتما سان وڃي ملندي ته هوءَ پرم سک پرم آنند کي حاصل ڪندي . اُن نموني آتما جو پرماتما سان ملي وڃڻ تي جيو پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري وٺندو .

گورمک جن انومان لڳائن ته پرماتما کان به وڌيڪ ٻي شيءِ ڪا دنيا ۾ آهي ؟ جڏهن سڀئي سرشٽي اُنجي ٺهيل آهي ۽ جڏهن ساري رچنا اُن پرماتما جي آهي ته پوءِ سرشٽيءَ کي ٺاهيندڙ ئي پرماتما کي جنهن پاتو ، اُن ڄڻ سڀ ڪجهه پاتو . اُنکي باقي ڪهڙي ڪمي رهي ؟ رشي ۽ مني ۽ تپسوي ، يوگي وغيره سڀ اِنهيءَ ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن . سڀ اِنڪري ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن ۽ پرشارٿ پيا ڪن ته ڪنهن به نموني پرماتما سان ميلاپ ٿي وڃي - اِنهيءَ پرماتما کي حاصل ڪرڻ لاءِ مها پرشن اهڙا سولا ساڌن (نيم). ڏسيا آهن ، جن تي عمل ڪري گورمک انسان جلد ئي پرماتما کي پراپت ڪري سگهي ٿو . پر اُن لاءِ گورمک

وچن ساگر (سنڌي)

پريمي پاٺڪن کي اهو پڙهي ڪري ڏاڍي خوشي ٿيندي ته جنهن وچن ساگر جي ڪيترن سالن کان گهر هلندي آئي هئي، ۽ هندي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپايو ويو، سو انهن سنڌي پاٺڪن جي طلب کي نظر ۾ رکندي هولدي وچن ساگر سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڇاپايو ويو آهي. جو هاڻي ڇپجي ڪري تيار ٿي چڪو آهي. هيءُ پستڪ هندي، انگريزي ۽ گرمکي اکرن ۾ اڳ ميسر آهي. هن وچن ساگر ۾ مها پرشن جا جواب وچن ڏنا ويا آهن. جو ڪ ڀڳتي مارگ تي هلندڙ پريمين لاءِ روشنيءَ جو مينار آهن ۽ هيءُ پستڪ هر هڪ جگياسوءَ لاءِ تمام لاڀدائڪ آهي. پريمي پاٺڪ اڄ ئي ٽپال رستي گهرائي سگهن ٿا. سفيد ڪاغذ، عمدا ڇپائي سهڻو ۽ مضبوط ٽائٽل ڪور هوندي به قيمت فقط ٠٠ - ٢ (ٻه روپيا) آهي. ٽپال خرچ الڳ ٿيندو.

ملڻ جو هنڌ

آنند سنديش ڪاريالي

پوسٽ شري آنندپور ضلع گونا (مڌيه پرديش)

PIN CODE 473-338

DECEMBER 1987 Regd. No MP/GUNA/8
R. No 13124/57 Licence No. 1

ڀڳتي . پريم . پرمارٿ . ويراڳ ۽ شانتيءَ جو
سنديش پهچائيندڙ

ماهوار

آنند سنديش

پڙهو ۽ پنهنجي روحاني پياس کي اجهايو .

[۱] هيءَ ماهوار پرچو شري آنندپور ۾ ٽن ٻولين سنڌي، هندي ۽ اردوءَ ۾ ڇاپيو ويندو آهي ان کانسواءِ انگريزيءَ ۾ SPIRITUAL BLISS ماهوار پڻ ڇاپيو ويندو آهي .

[۲] آنندسنديش پاٺڪن کي هر هڪ انگريزي مهيني جي پهرين تاريخ جو موڪليو ويندو آهي - ۲۰ تاريخ تائين پرچو نه ملڻ تي پنهنجي پوسٽ آفيس مان پتو ڪندا، انکان پوءِ ڪاريالي ۾ اطلاع ڏيندا .

[۳] آرڊر ڏيڻ مهل جنهن ڀاشا ۾ پرچي جي گهرج هجي ڪولي لکندا .

[۴] لک پڙهه ڪرڻ مهل پنهنجي چٽ نمبر جو احوال ڏيڻ ضروري آهي .

[۵] ائڊريس بدلائڻ جو اطلاع ۱۵ تاريخ تائين ڪاريالي ۾ ضرور ڏيندا جيئن وقت تي ڪارروائي ٿي سگهي .

ائڊريس:- آنند سنديش ڪاريالي
پوسٽ . شري آنندپور ضلع گنا (مڌيه پرديش)
پن ڪوڊ نمبر 473-338

ANAND SANDESH KARYALAYA
P.O.Shri Anandpur Distt. Guna (M. P.)
PIN 473-338